
7
ليبر پارٽي سنڌ مارڪسزم جو پرچارڪ
ٻه ماهي
سماجواد
سيپٽمبر آڪٽوبر 2012
ٻڪ تي پلجندڙ سنڌي سماج
سنڌ يونيورسٽي جي وي سي جو اچو چلو
ٽراٽسڪي ۽ اولهه جي پريس
عوامي جمهوري ڪوريه ڪا انقلاب

ليبر پارٽي سنڌ ۽ مارڪسزم جو پرچارڪ

به ماهي

سماجواد

حيدرآباد

(ستين ڪڙي) سيپٽمبر / آڪٽوبر 2012ع

قيمت: =/40

لکپڙهه لاءِ ايڊريس

گهر نمبر C-337 نزد بحريه
فائونڊيشن ڪاليج
گلستانِ سجاد حيدرآباد.
Cell # 03443333888

فهرست

ڪرشن چندر / شفقت قادري

ايڊيٽوريل

ذوالفقارآباد رٿا جي مخالفت ڇو ضروري آهي؟

ذوالفقارآباد رٿا ضلعي ٺٽي جي تعلقن ڪارو ڇاڻ، ڪيٽي بندر، جاتي ۽ شاهه بندر تي مشتمل آهي. سنڌ جي ڪل 350 ڪلوميٽر ساموندي پٽيءَ مان ذوالفقارآباد پروجيڪٽ 223 ڪلوميٽرن تائين جي پکيڙ جو آهي. هن نئي شهر لاءِ 13 لک ايڪڙ زمين گهربل آهي. جنهن ۾ 10 لک ايڪڙ زمين اها آهي جيڪا سمنڊ پوئين عرصي ۾ پائي چڪو آهي ، سو ان زمين کي وڏي سيڙپڪاريءَ ڪان پوءِ واپس حاصل ڪيو ويندو ۽ باقي 328000 ايڪڙ زمين مٿي ڄاڻايل تعلقن مان حاصل ڪئي ويندي. ان منصوبي تي عملدرآمد لاءِ ذوالفقارآباد ڊولپمينٽ اٿارٽي جوڙي وئي آهي جنهنجو چيف مڙس هڪ رٽائرڊ فوجي ليفٽيننٽ جنرل افتخار حسين شاهه آهي. هن پروجيڪٽ لاءِ صدر زرداريءَ جي صحيح هيٺ چيني ڪمپنين سان معاهدا ٿي چڪا آهن. ذوالفقارآباد ڊولپمينٽ اٿارٽي ارڙهين ترميم جي فيصلن جي ڪلي عام لتاڙ آهي جو ذوالفقارآباد ڊولپمينٽ اٿارٽي کي تمام گهڻا اختيار ڏئي، منصوبي کي وفاق جي انتظام هيٺ ڏنو ويو آهي. پي پي پي جي سنڌ حڪومت ۽ روينيو کاتو اتان جي مقامي ماڻهن جي 3 لک ايڪڙ زمين جا کاتا رد ڪري ڇڏيا آهن ۽ حڪومت عوام جي شديد مخالفت باوجود منصوبي تي ڪم جي شروعات ڪري چڪي آهي.

هن تفصيل ڪانپوءِ ڪجهه سوالن جو پيدا ٿيڻ اٽڙ آهي. مثال طور: ڪراچيءَ جهڙي شهر کان صرف 150 ڪلوميٽر پري هڪ ٻيو وڏو شهر ٺاهڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ ان نئين شهر جا مقامي آبادي ۽ مجموعي طور تي پوري سنڌ تي ڪهڙا اثر پوندا؟ هي ايترو وڏو پروجيڪٽ هن خطي جي فطري ماحول کي ڪيئن متاثر ڪندو ۽ عالمي قوتن جا، خاص ڪري چين جا، انهيءَ سيڙپڪاريءَ پٺيان ڪهڙا مقصد آهن؟ حڪمرانن پاران ترقيءَ ۽ روزگار جي نون موقعن جي دعوائن ۾ ڪيتري صداقت آهي ۽ سنڌ جي تاريخ انهيءَ بابت ڇا ٿي چئي؟

اڇو ته حڪمرانن جي انهن دعوائن ۽ مٿي ڄاڻايل سوالن جو جائزو وٺون ته جيئن اسانجي سياسي ڪردار جو تعين به ٿي سگهي.

1980ڪانپوءِ عالمي طور تي سرمائيداريءَ جو سماج جي پيداواري شعبن کان وڌيڪ، غير پيداواري منصوبن ۾ سيڙپڪاريءَ جو رجحان وڌيو. ڇاڪاڻ ته انهيءَ سان ئي منافعي جي ڪرنڊڙ سيڪڙي تي ظابطو قائم ڪرڻ ممڪن هو. نيولبرلزم جي ايجنڊا ۽ ٻين ملڪن اندر نجڪاريءَ تي تمام گهڻو زور ڏيڻ سان اهي مقصد حاصل ڪيا ويا. عالمي قرض هيٺ مقروض رياستون ۽ انهن جون عوام مخالف، سامراج جون پڇ لٽڪائو حڪومتون هر وقت پنهنجي عوامي وسيلن جي وڪري لاءِ تيار رهن ٿيون. اهڙيءَ ريت ٿين دنيا جا ميگا پروجيڪٽس (جنهن ۾ نوان وڏا شهر به شامل آهن) ڏيهي ۽ غريب عوام جي ضرورتن لاءِ نه پر عالمي سرمائي جي سيڙپڪاري لاءِ جوڙيا ويندا آهن. هي نوان شهر، صنعتي دور جي انهن پراڻن شهرن کان بلڪل مختلف هوندا آهن، جن جي اوسر اتي جي ٻهراڙي سان سلهاڙيل هئي. هي شهر ته سستي زمين حاصل ڪري اتي مهانگيون رهائشي اسڪيمون تيار ڪري،

عالمي گهڻ قومي ڪمپينين جون آفيسون کولي، انهي ڪارپوريٽ طبقي جي وندر ۽ سياحت لاءِ ٺاهيا ويندا آهن. اسان وٽ بحريه هائوسنگ سوسائٽي ۽ ڊي،ايچ، اي انهي جا ننڍا مثال آهن. جنهن ۾ حڪومتي مدد سان رات پيٽ ۾ ملڪ رياض جهڙا ڪرب پتي ماڻهو پيدا ٿيندي ڏٺا ويا. ٻين لفظن ۾ هنن شهرن جو مقصد ، اصلوڪي آبادي جي رهائش ۽ گذر سفر تي مشينون ڦيري، اتي گولف گرائونڊ ٺاهڻ آهي.

ان ڪانسواءِ ذوالفقارآباد جهڙن ميگا پروجيڪٽن جي سياسي اهميت به آهي. اولهه جي سرمائي سان ڇتا پيتي ۽ پنهنجي وڌندڙ پيداواري ضرورتن لاءِ ، چين کي توانائي جي ذريعن ۽ خام مال جي رسد لاءِ محفوظ رستا ۽ بندرگاهون گهرجن ٿيون. گوادر پورٽ جي ناڪاميءَ چيني سيڙپڪارن جو ڌيان سنڌ جي سامونڊي پٽي ڏانهن ڇڪايو. جنهن جي جواب ۾ آمريڪي سامراج هن خطي ۾ ڪجهه قومپرستن مٿان هٿ رکي ، انهيءِ سيڙپڪاريءِ جي رستا روڪ ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. انديشو آهي ته تازو چيني سفارتخاني ٻاهران ٿيل بم ڌماڪو به انهيءَ ٽڪراءُ جو نتيجو نه هجي! اهو تضاد اسانکي فلپائين، ڪوريا، انڊونيشيا ۽ آفريڪا ۾ به نظر اچي ٿو. تنهن ڪري گهڻ قومي ڪمپنيون چين جون هجن يا يورپ، آمريڪا جون، اهي ٽين دنيا جي قدرتي وسيلن، توانائي جي ذريعن ، سستي پورهئي ۽ کپت جي مارڪيٽ جي ڦولا ۾ ڳجهن جيان لامارا ڏينديون رهن ٿيون. هڪ تحقيق مطابق صرف سال 2008 ۾ پاڪستان ۾ ڪم ڪندڙ ڪمپنيون 65 ارب، 60 ڪروڙ 50 لک روپين جو منافعو پنهنجي ڏيهه کڻي ويون ۽ چيني ڪمپنين جي مهرباني سان اڄ لاطيني آمريڪا جي ڪجهه ملڪن جي اصل آبادي ڪي احتجاج ڪرڻ لاءِ به پيرن هيٺان زمين پنهنجي ڪونهي! ياد رهي ته هن پروجيڪٽ سبب مٿي ڀڏايل تعلقن منجهان اڌائي لک ڳوٺاڻي آباديءَ ڪي پنهجا گهر ۽ زمينون ڇڏي دربدر ٿيڻو پوندو.

پر حڪمران بضد آهن ته هي پروجيڪٽ روزگار جا نوان موقعا پيدا ڪندو ۽ ترقيءَ جا انيڪ در کوليندو. جڏهن ته حقيقت اها آهي ته روزگار جا موقعا نوان شهر اڏڻ سان نه پر صنعت ۽ زراعت کي ترقي ڏيڻ سان پيدا ٿيندا آهن پر اسين سڀ اهو خوب ڄاڻون ٿا ته هن ملڪ ۾ صنعت ۽ زراعت ڏينهون ڏينهن تباهه ٿي رهي آهي ۽ صرف بينڪون ترقي ڪري رهيون آهن ته جيئن ماڻهن کي اجا بدحال ڪري سگهجي. سو، سوال اهو آهي ته روزگار جا موقعا ڪنهن جي لاءِ ۽ ترقيءَ جا انيڪ در ڪنهن تي کلندا؟ ڳوٺاڻي آبادين کي اهي خواب پهرين به ڏيکاري، ڪراچي شپ يارڊ، ڪراچي پورٽ، ڊاڪيارڊ، پورٽ قاسم، پاڪستان اسٽيل مل جهڙا پروجيڪٽ عمل ۾ آندا ويا هئا پر مقامي آباديءَ جو ماڻهو اڄ اتي چوڪيدار جي نوڪري ڪرڻ کان به محروم آهي! ساڳيو حال سنڌ جي معدني وسيلن جي ڦرلٽ ڪندڙ ادارن جو آهي. تيل ۽ گيس پاڪستان ۾ سڀ کان وڌيڪ سنڌ مان حاصل ٿيندا آهن پر 2007 ۾ قومي (جيڪا ڪنهن به ريت قومي ناهي) اسيمبلي ۾ ٻڌايل انگ اکرن مطابق SSGC ۽ SNGPL ۾ڪل ملازمن جو تعداد 11613 آهي جنهن ۾ صرف 3613 سنڌ جا ته 5454 پنجاب منجهان آهن. تنهن ڪري ذوالفقارآباد جهڙا ميگا شهر، سنڌ ڏانهن ڌاري آبادڪاريءَ جي ٻي وڏي لهر جو سبب بڻجي سگهن ٿا، جنهن سان ور ور ڏئي پيدا ٿيندڙ الڳ

صوبا ’تحريڪ‘ ڪي به قوت ملي سگهي ٿي. چاڪاڻ ته ايم ڪيو ايم پاران هن پروجيڪٽ جي حمايت صدر زرداريءَ سان محبت جو نتيجو ڪنهن به ريت ڪونهي.

اصلوڪي آباديءَ جي دربدر ٿيڻ، ڏاري آبادڪاريءَ جي امڪان سان گڏ هن ميگا پروجيڪٽ جا ناڪاري اثر انڊس ڊيلٽا جي فطري ماحول (ECO-SYSTEM)تي به اٿئر آهن. دنيا جي آبادي جو 23 سيڪڙو سمنڊ ڪناري تي رهي ٿو جنهن جو گذر سفر ان ايڪو سسٽم سان ٺهڪندڙ آهي پر ساموندي پٽين تي ذوالفقارآباد ميگا پروجيڪٽن، انهن شهرن ۾ نئين لڳندڙ صنعتڪاري گند ڪچري جو سمنڊ ۾ نيڪال، ساموندي جيوت جي سرمائيداراڻي زيان سان هي ايڪو سسٽم تباهه ٿي رهيو آهي. ذوالفقارآباد رٿا سان انهيءَ ايڪو سسٽم جا ڦڦڙ سمجهيا ويندڙ لکين ايڪڙن وارا تمر (MANGROOS)جا ٻيلا(جيڪي دريائي پاڻيءَ کوٽ سبب هوئين گهڻو گهٽ ٿي ويا آهن) ويتر تباهه ٿيندا. انهن ٻيلن ۾ ساموندي جيوت جي خاتمي سان نه صرف 20 لک ماڻهن جو روزگار متاثر ٿئي ٿو پر ساموندي طوفانن جي زور وٺڻ جو امڪان به وڌي وڃي ٿو جنهن جي منهن ۾ اهي وڏا شهر پوندا. ڪجهه تحقيقن مطابق جنهن علائقي تي ذوالفقارآباد اڏيو پيو وڃي، انهي خطي کي زلزلن لاءِ به حساس ۾ ڪنهن وڏي پروجيڪٽ لاءِ غير مناسب قرار ڏنو ويو آهي.

پر پي پي پي ’مر ويسون مر ويسون، ڪونه مڃ سون!‘. توڙي جو ارباب رحيم جي دور ۾ جڏهن سنڌ جي سامونڊي ٻيٽن کي عرب شهزادن وٽ 5 اسٽار هوٽل ٺهرائڻ لاءِ وڪڻڻ جي ڪوشش ڪئي وئي هئي تڏهن انهيءَ پي پي پي سنڌ جي ترقي پسند عوام سان گڏ ان رٿا جي مخالفت ڪئي هئي. پر اڄ سندن مفاهمت جي عوام دشمن سياست واضع ٿي بيٺي آهي. اهڙين حالتن ۾ عوام کي پنهجا وسيلا پنهجي هٿ ۾ ڪرڻ لاءَ پنهنجي تنظيم ڪاري پاڻ ڪرڻي پوندي. چاڪاڻ ته هي ڌرتي ۽ انجا سمورا وسيلا عوام جا آهن نه کي هن حڪومت ۽ گهڻ قومي ڪمپنين جا. عوام جي وسيلن جو دفاع تڏهن ٿي سگهي ٿو جڏهن هنن حڪمرانن، هن عوام دشمن رياست ۽ هن سرمائيداراڻي نظام خلاف منظم ٿي جنگ کي جوڙجي.

ڈیھي سیاسي صورتحال

عدلیہ، پارلیامینٹ اورریاست کا بحران

ناصر منصور

جسٹس(ر) خلیل رمدے نے ایک بار سپریم کورٹ میں اپنی آبزرویشن دیتے ہوئے کہا تھا کہ ’’پارلیمنٹ کو آئین سیکولر بنانے کا اختیار نہیں دیا جاسکتا ‘‘ اس جاری کردہ آبزرویشن کو موجودہ عدلیہ نے کئی بار دھرایا ہے اسطرح عدلیہ نے انتہائی دائیں بازو کی جانب اپنے مکمل جھکاؤ اور مذہب کی آڑ میں پارلیمنٹ کو اسکے بنیادی حق سے محروم کرنے اور اسکے قانون سازی کے حق سے بنیادی طور پر محروم کرنے کا برملا اظہار کیا تھا اور پارلیمنٹ سے جاری چپقلش میں قانون سازی سے متعلق بہت سے اہم فیصلوں کو تار پیڈو کیا ہے ۔اس سے ایک بات تو واضح ہوئی ہے کہ عدلیہ جس سرعت سے منتخب حکومت اور منتخب اداروں پر حملہ آور ہے اور اس کی نظیر پاکستانی ریاست کی تاریخ میں ہمیں بار بار نظر آتی ہے اور ہر بارعمومی طور پر منتخب اداروں اور حکومتوں ہی کو شکست سے دوچار ہونا پڑا ہے۔ پاکستان کی بورژوا ریاست کے اداروں کے باہمی تضادات اور ان میں جاری کشمش ایک نئے فیصلہ کن مرحلے میں داخل ہو رہی ہے اس بار اس امکان پر غور کرنے کی گنجائش نظر آ تی ہے کہ منتخب حکومت اور قانون سازیء کے ادارے کسی حد تک عدلیہ کے وار سہنے اور دیر تک اپنے موقف پر قائم رہ سکتے ہیں۔ یہ صورتحال کسی بھی ذی شعور سے ڈھکی چھپی نہیں ہے کہ ماضی کی طرح آج بھی عدلیہ کے ان حملوں میں انھیں ریاست کے سب سے طاقتور جز یعنی فوج کے ایک بڑے سیکشن کی مکمل حمایت و تائید حاصل رہی ہے جو کہ ملک میں دائیں بازو کی سوچ سیاست اور طرزِ حکومت کو ہی اپنے مفادات کی تکمیل اور بقا کی ضمانت تصور کرتا ہے۔

پاکستان کی بورژوا ریاست کے بڑے ستونوں میں فوج، عدلیہ، سول بیورو کریسی اور قانون سازی کے ادارے اور ان پر قائم حکومت ہی ہیں۔اور ان کے درمیان اقتدار پر مکمل گرفت اور دیگر اداروں کو اپنا مطیع بنانے کی سعی ریاست کے قیام کے پہلے دن ہی سے شروع ہو گئی تھی۔ ابتدا ہی سے ریاست کے ایک ستون سول بیوروکرسی نے پہلے مرحلے میں نوآبادیاتی نظام سے ورثے میں ملنے والے انتظامی سسٹم کی طاقت سے وراثت میں ملنے والے قانون سازی کے اداروں اور ان پرکھڑی سویلین حکومت پرحملہ آور ہونے کے لیے عدلیہ اور فوج کو جونیئر پارٹنر کے طور پر استعمال کیا۔ اس رسہ کشی میں قانون سازی کے سول بورژوا ادارے جو حقیقتاً عوام میں اپنے ہونے کا جواز نہ رکھتے تھے اپنی اصل قوت یعنی عوامی حمایت سے محروم رہے جس کے نتیجے میں سول بیورو کریسی کا پلڑا بھاری ہوتا گیا۔

غلام محمد جیسے افراد کی زیر قیادت اس گروہ نے ریاستی امور پر اپنی گرفت مضبوط کی لیکن ریاست کے قیام کے کچھ عرصے بعد سے ہی فوج نے بطورِ ادارے کے ریاستی ادوار میں ایک اہم فیکٹر کے طور پر ریاست کے نظم و نسق چلانے کے دعوے کے ساتھ نمودار ہوئی ۔ملک میں کمزور جمہوری اقدار ،ریاست کی بنیاد میں

موجود رجعتی نظری اٹھان اور سب سے بڑھکر بین القوامی صورتحال نے اس عسکری ادارے کو کھل کھیلنے کا بھرپور موقع فراہم کیا۔ریاستی اداروں کی کشمکش میں سول بیورو کریسی ،فوج اور عدلیہ ہمیشہ ایک جانب رہے لیکن منتخب ادارے سویلین حکومت تن تنہا اور اکثر اوقات بین الاقوامی مربی کی اشیرباد سے محروم فریق کے طور پر اکھاڑے میں رہے ۔جبکہ عوامی جوابدہی سے آزاد بیورو کریسی ،فوج اور عدلیہ کے اتحاد ثلاثہ کو سرمایہ داری نظام کے سرخیلوں کی گزرتے وقت کے ساتھ مکمل پشت پناہی اور مدد باہم پہنچتی رہی۔

فوج نے 60کی دھائی میں عدلیہ اور سول بیرو کریسی نے سول اداروں پر خفیہ اور حکومت پر کھلے حملوں کی بھرپور اعانت کی اور پھر اس چپقلش میں کمزور ہوتی ہوئی بیورو کریسی اور عدلیہ پر حاوی ہو کر فوج نے جنرل ایوب خان کی زیر قیادت بورژوا قانون سازی کے اداروں اور سویلین حکومت پر کاری ضرب لگائی ۔اس موقع پر عدلیہ نے ہمیشہ کی طرح جبکہ سول بیورو کریسی نے پہلی بار اپنی ثانوی حیثیت کو تسلیم کرتے ہوئے فوج کی بالادستی اور ریاست پر اس کے قائدانہ کردار کو بلاشرکت غیرے تسلیم کر لیا جبکہ قانون سازی کے اداروں اور منتخب انتظامی حکومت کے ذریعے اپنے مفادات کی تکمیل کے لیے سرگرداں شہری اشرافیہ اور جاگیر داروں کے ایک بڑے حصے نے نئی صورتحال سے سمجھوتا کر لیا اور فوج ،بیورو کریسی اور عدلیہ کے گٹھ جوڑ کا نسبتاؔ ادنیٰ حصہ بنکر اپنے مالی وسیاسی مفادات کی تکمیل میں عافیت جانی۔ دیکھا جائے تو سویلین بورژوا طبقات کے بڑے حصے نے اپنی شکست تسلیم کر لی جس کی بنیادی وجوہات سماج میں موجود معاشی ڈھانچہ اور بین الاقوامی سطح پر امریکہ کی زیر قیادت سامراجی کیمپ اور سوشلسٹ بلاک کی بڑھتی ہوئی۔مخاصمت جیسی ٹھوس مادی حقیقتوں کے تناظر میں آسانی سے تلاش کی جا سکتی ہے ۔لیکن بورژوا طبقے کے ایک کمزور حصے اور دیگر جمہوری قوتوں نے نہایت کمزور ہوتے ہوئے بھی ریاست کی اس غیر جمہوری جڑت اور غیر منتخب ریاستی اداروں کے عوام دشمن گٹھ جوڑ کے خلاف مسلسل جنگ جاری رکھی جسکا اظہار ہمیں عوامی لیگ کے قیام ،نیشنل عوامی پارٹی ،پاکستان نیشنل پارٹی ،آزاد پاکستان پارٹی جیسی ملک گیر سیاسی تنظیموں اور ریاست میں موجود قومی اکائیوں میں خدائی خدمتگار تحریک، سندھ عوامی محاذ، آستم گل اور ورور پشتون کے قیام کی صورت میں نظر آتا ہے ۔ان تنظیموں نے دائیں بازو کے رحجانات کی حامل مضبوط مرکز کی حامی ریاست کے ہر نظری پہلو کو چیلنج کیا لیکن فوج اور عدلیہ کے طاقت ور اتحاداسکی چھتر چھاؤں میں سول بیورو کریسی ،شہری اشرافیہ اور جاگیرداروں کے بڑے حصے نے ریاست کو سیاست کے مزید دائیں جانب دھکیلنے میں بھرپور کردار ادا کیا ۔فوج نے خطے میں بین الاقوامی قوتوں کے مفادات اور ریاست میں اپنے بڑھتے ہوئے مفادات کو ہمیشہ ہم آھنگ بناتے ہوئے اپنی قانونی اور آئینی حیثیت پر '' مہرِ حق'' ثبت کرانے کے لیے عدلیہ ہی کے آزئے ہوئے مہرے کے طور پر کامیابی سے استعمال کیا ہے ۔عدلیہ، تاریخ کی ہر اہم گھڑی پر اپنی سرشت کے عین مطابق عوام اور جمہوری

اقدار کے مخالف سمت ہی میں جاتی نظر آئی۔ مولوی تمیز الدین کیس ،اقتدار پر ایوب خان کا قبضہ یا پھر ایوب کے اپنے دئیے گئے آئین کے مطابق اقتدار کی منتقلی سے انحراف ،بنگال کی آزادی سے پہلے عوام الناس کے قتل عام پر خاموشی ،پہلی بھٹو حکومت کا خاتمہ، ضیاء الحق کا مارشل لاء اور بھٹو کا عدالتی قتل،بے نظیر حکومت کی برخاستگی، نواز شریف کا اقتدار سے نکالے جانا،مشرف کی فوجی حکومت کی آئینی وقانونی جواز کی فراہمی کا ہر عمل ،عدلیہ اور اس کی پشت پر موجود عسکری اداروں کی شہہ اور گہرے تعلقات کا منہ بولتا ثبوت ہے۔تاریخ ہمیشہ عدلیہ اور فوج کے گٹھ جوڑ کو اس تاریخی تناظر میں دیکھے گی ۔اوراسی پس منظر میں عدلیہ کی موجودہ روش کو بھی دیکھنے کی ضرورت ہے ۔ عدلیہ اور سول بورژوا ژی تنازع جیسے مسئلے کو پی پی،زرداری کرپشن اور پی پی حکومت کی بدترین انتظامی وسیاسی بے ضابطگی اور عوام دشمن اقدامت پر در آنے والے جائز غصے اور نفرت کی عینک سے دیکھنے کی بجائے اس جذباتی کیفیت کو ایک طرف رکھتے ہوئے قانون سازی کے سویلین منتخب بورژوا ادارے اور ریاست پر قابض دیگر ریاستی اداروں کی 6دھائیوں سے جاری کشمکش کے تناظر میں دیکھ کر ہی ٹھیک نتیجے تک پہنچا جا سکتا ہے اور اس تناظر سے ہٹ کر عدلیہ کی موجودہ روش کو دیکھنے اور سویلین حکومت بد اعمالیوں کی آڑ میں ہوئے پے در پے حملوں سے موجودہ صورتحال میں جاری کشمکش کو سمجھنا مشکل بھی ہے اور اسکے غلط نتائج بھی نکل سکتے ہیں۔

میری اپنی دانست میں 1947سے وجود میں آئی ریاست کے اداروں کی پہلے دن سے جاری کشمکش میں ایک کمزور حصے نے اپنی مقدور بھرمسلسل کمیتی کوششوں سے موجودہ حالات میں ایک کیفیتی تبدیلی کے روشن امکانات پیدا کر دئیے ہیں۔موجودہ حالات میں ماضی کے برعکس عدلیہ اور اسکی پشت پر فوج کے کئی ایک کاری وار، موجودہ بورژوا منتخب سویلین سیٹ اپ سہہ گیا ہے اور اپنی بقا اور بالادستی کی اپنے تئیں کوشش کر رہا ہے ۔اس سلسلے میں بورژوا طبقات کی نمائندہ سیاسی اظہار کی قوتوں نے بھی عمومی طور پر آخری تجزیہ میں موجودہ سویلین سیٹ اپ کے پلڑے ہی میں اپنا وزن ڈالا ہے وہ چاہیے شہری اشرافیہ کے نمائندہ گروہ ہوں یا کہ دیہاتوں کی زرعی اریسٹو کریسی وہ موجودہ صورتحال میں اپنے مفادات اس امر میں مضمر محسوس کرتے ہیں کہ موجودہ بورژوا منتخب قانون سازی اور سویلین حکومت کے طریقہ کار ہی کو جاری رہنا چاہیے اسی میں ان طبقات کی ریاست پر گرفت مضبوط ہونے کے امکانات اور دیگر ریاستی اداروں کی ریاست پر گرفت کو کمزور کیا جا سکتا ہے کہ وہ کھل کر نہ سہی مگر اندرونِ خانہ عدلیہ اور فوج کے مشترکہ حملوں میں ان کے شریک کار بننے سے کافی حد تک اجتناب برت رہے ہیں ۔اسی لیے فوج اور اور عدلیہ ماضی میں شہری اشرافیہ اور جاگیرداروں کی مکمل حمایت نہ ہونے کی بنا پر مدد کرنے کے لیے دائیں بازو کی انتہا پسندقوتوں (دفاعِ پاکستان کونسل) ٹیوٹر زدہ اور کمپیوٹر پروگرامرڈ عمران خان کو تیار کرنا پڑا جس سے ریاستی اداروں کی کشمکش میں نئی

Equationبننے کے امکانات ابھرتے نظر آ رہے ہیں۔

ایک نئے اہم فیکٹر نے صورتحال کی تازہ ترین تبدیلی کا عندیہ دینا شروع کر دیا ہے وہ ہے پاکستان کی ریاست کے مربی امریکی سامراج کا ریاست کے اندرونی تضادات میں بدلتا ہوا رویہ جس نے پاکستانی ریاست کے مقتدر اداروں خصوصاً فوج کی سوچ اور حکمتِ عملیوں کے ڈھانچے کی چولیں ہلا کر رکھ دی ہیں ۔ ہوتا یوں آیا ہے کہ اس ریاست کے قیام سے ہی سامراجی حکومتوں اور انکے مالیاتی ودفاعی اداروں نے ریاستی اداروں کی باہمی کشمکش میں ہمیشہ فوج ہی کی پشت پناہی کی ہے اور نتیجے کے طور پر وہ ریاست کے مضبوط مرکز کی حامی دائیں بازو کی تمام قوتوں کا بھی بالاواسطہ پالن ہار بن گیا اور ریاست نے جمہوری ،وفاقی ،قومی اکائیوں کے حقوق ،جمہوری اقدار ،اقلیتوں کے آئینی وقانونی حقوق،عورتوں اور مظلوم طبقات کے مفادات کی مختلف جہتون میں ترجمانی کرتی سیاسی قوتوں کو بھر پور طریقے سے نشانہ مشق بنایا گیا اور کوئی ایسی ترکیب آزمائے بغیر نہ چھوڑی جو ان قوتوں کو کمزور کرنے کے لیے ضروری تھی۔ اس سارے عمل میں فوج اور اسکے مقامی حواریوں کو امریکہ اور اسکی دیگر حامی حکومتوں کی مکمل اشیر باد حاصل رہی۔جبکہ سوویت یونین عمومی طور پر اور چین خصوصی طور پر ریاستی جبر کی شکار متحرک ترقی پسند اور مرکز گریز قوتوں کے ساتھ فیصلہ کن انداز میں کھڑے ہونے کے برعکس اپنی ریاستوں کے مفادات کے گرد بنی حکمت عملیوں کے گرداب میں پھنسے رہے۔ وہ بین الاقوامی سطح پر جاری اس نظریاتی جنگ میں پاکستانی ریاست میں موجود دوست قوتوں کو اس طرح تقویت پہنچانے میں ناکام رہے جیسے کہ سامراجی ممالک نے اپنے مقامی حاشیہ برداروں کو طاقت مہیا کی تھی۔

اس صورتحال نے پاکستانی ریاست کے اداروں کی جاری رسہ کشی میں فوج کو فیصلہ کن کردار دے دیا جسکو مزید طاقت وتقویت بین الاقوامی سامراجی فوجی معاہدوں میں شمولیت ،افغانستان میں انقلابی تبدیلی کو روکنے کے لیے جہاد اور پھر مذہبی انتہا پسندی کے خلاف نام نہاد جنگ جیسے بڑے واقعات نے پہنچائی اور اسکے آئینی سیاسی وقانونی جواز کے لیے ہر بار عدلیہ نے بھرپور کردار ادا کیا۔ جنرل ایوب، جنرل ضیاء الحق او ر جنرل مشرف ان بڑے واقعات کی فوجی علامت ہیں اور ان کے سیاہ ادوار اور کالے کرتوتوں کو نام نہاد قانونی جواز اپنے وقت کی عدالتوں ہی نے فراہم کیا۔

موجودہ صورتحال میں ایک زبردست Paradimشفٹ امریکہ اور اسکے حاشیہ بردار صنعتی ممالک کی پاکستان کی ریاست اور اس میں موجود اندرونی تضادات کے بارے میں دھائیوں سے جاری حکمتِ عملی اور پالیسیوں میں آیا ہے اورپہلی مرتبہ تین دھائیوں سے زائد عرصہ پر محیط افغان وار کے اتحادیوں (امریکہ اور فوج) کے درمیان اہداف کے حصول کے طریقہ کار پر کسی حد تک اختلافات پیدا ہو گئے ہیں۔ان اختلافات میں تیزی جنرل مشرف کے دور اقتدار میں پیدا ہوئی جب فوج کے ایک انتہائی دائیں بازو پر مشتمل حصے نے امریکہ کی پالیسیوں سے اختلاف کرتے ہوئے

آزادانہ طور پر پرانی حکمتِ عملی پر ہی عمل در آمد جاری رکھا اور مشرف نے اسی سے فائدہ اٹھانے کے لیے اسے جاری رکھنے ہی کو ترجیح دی اور امریکہ اور اسکے اتحادیوں کو دائیں بازو کی طاقت سے ڈرا کر اپنا اُلو سیدھا کرنے کامنافقانہ راستہ اختیار کیا۔ عدلیہ اس صورت حال میں فوج کے انتہائی دائیں بازو کے مہرے کے طور پر سامنے آئی اور مشرف ،عدلیہ کے تنازع کے اس رخ کو بھی دیکھنے کی ضرورت ہے۔ جبکہ امریکہ نے نئی حکمت عملی کے طور پر فوجی ادارے کے ساتھ اپنے روایتی تال میل اور گہری وابستگی کے ساتھ ساتھ نئے عناصر خصوصاً ان قوتوں سے راہ و رسم بڑھانی شروع کر دی جنہیں وہ ماضی میں کسی حد تک نظر انداز کرتا رہا ہے جن میں مرکز گریز قوتیں ، شہری اشرافیہ اور دیہی معیشت پر قابض جاگیردار قوتیں جو اپنا اظہار بورژوا آئینی اداروں اور سویلین و منتخب حکومت کی قیام کے ذریعے کرتی رہی ہیں۔ فوج نے اس نئی بنتی Equation کو نرم پیٹ برداشت نہیں کیا اور اپنی ایک کے بعد ایک ترپ چال سے اسے ناکام بنانے کی ہر ممکن کوشش کی جس میں " کیری لوگر بل" ، " میمو گیٹ" ، " ریمنڈ ڈیوس کیس" ، " سوئس خط کیس" ، این آر او" وغیرہ شامل ہے جسکے لیے عدلیہ نے دامے درمے سخنے نہایت ہی عجلت ، دن کی روشنی اور رات کی تاریکی میں ہر لحظہ اپنا ماضی کا روایتی کردار ادا کرتے ہوئے غیر منتخب اداروں کے باہمی اتحاد کی بقا کے لیے اپنی سی کوششیں جاری رکھیں اور فوج نے نیٹو سپلائی کی بندش سے نئی بنتی بگڑتی Equation کو اپنے حق میں بدلنے کی آخری سی کوشش بھی کر ڈالی اور پھر ناکامی کی صورت میں کسی حد تک امریکہ سے معاملات طے کرنے کی ٹھان لی اور آج وہ اسی صفحہ پر ہے جہاں امریکہ اسے دیکھنا چاہتا ہے ۔ لیکن ماضی سے پیوست دائیں بازو کی گہری سوچ اور یک رخی حکمت عملی سے انحراف فوج کے ایک طاقت ور حصہ کو آج بھی قبول نہیں لہذاآج کی صورت حال میں فوج کا ایک حصہ جس کی قیادت ISI کررہی ہے دائیں بازو کی اتحادی قوتوں جن میں عمران خان، جماعت اسلامی ، شیخ رشید ، قبیل کے لوگوں اور مذہبی انتہا پسندوں بشمول عسکری گروہوں جن میں طالبان کا ایک حصہ اور لشکر طیبہ شامل ہیں کی پشت پناہی میں نئی بنتی Equation کو مسترد کر رہے ہیں اور اسے ہر طریقہ سے بے عمل کرنے کی کوشش کر رہے ہیں جس میں عدلیہ ایک کلیدی کردار ادا کر رہی ہے۔ نئی بنتی Equation میں فوج کا ایک بڑا حصہ بادل نخواستہ اور بین الاقوامی صورت حال کے تناظر خصوصاً عراق، لیبیا اور اب شام میں اندرونی قومی، لسانی اور قبائیلی تضادات سے فائدہ اٹھانے کی امریکی حکمت عملی کے خوف میں وقتی طور پر پیچھے ہٹنے پر مجبور نظر آرہی ہے جبکہ شہری اشرافیہ، دیہی جاگیرداروں ، مرکز گریز گروہوں کے سیاسی اظہار کی قوتوں سے ماضی کے بر عکس امریکہ کی بڑھتی ہوئی رغبت پاکستان کی ریاست کے اداروں میں جاری کشمکش میں نئے توازن پیدا کرتی نظر آرہی ہے۔

سویلین بورژوازی مسلسل ارتقائی عمل میں بورژوا ریاستی اداروں کی

کشمکش کے دوران فوج اور عدلیہ سے کبھی اعلانیہ ، کبھی مخفی انداز نبردآزما رہی ہے اور یہ مفادات کے حصول اورریاست پر گرفت کا معر کہ مسلسل جارہی ہے۔ سویلین بورژوا موجودہ صورت حال میں ریاستی امور میں فیصلہ کن حصہ کی طلب گار نہ بھی ہو مگر حصہ بحثیت جثہ ضرور طلب کر رہی ہے۔

اس سارے منظر نامہ کے تناظر میں یہ بات کہی جا سکتی ہے کہ سامراجی قوتوں نے اب مضبوط مرکز کی ریاستی قوتوں سے حکمت عملی اور خطہ میں مفادات کے بعض تضادات کی بنا پر اختلافات کا کھل کر اظہار شروع کر دیا ہے۔ جس میں طالبان ، افغانستان ، ایران ، چین ، ہندوستان جیسے مسائل پر متحا رب نقطہ نظر کی بنا پر سامراجی قوتوں نے اب پاکستانی ریاست کے اندر موجود سویلین بورژوازی کے ایک حصہ (قانون ساز اداروں) کی فوج اور عدلیہ کے ساتھ تاریخی اور حقیقی لڑائی میں اپنے پرانے حلیفوں کی ساتھ ساتھ آئینی اداروں سویلین حکومت کے ساتھ معاملات بھی بہتر کرنے شروع کیے ہیں۔ کیونکہ بورژواژی نے خود کو دیگر ریاستی اداروں کی طرح خود کو امریکی پالیسیوں میں بہتر مہرے کے طور پر استعمال ہونے کا مقدور بھر یقین دلایا ہے اور موجودہ حالات میں امریکہ کو سوٹ کرتا ہے کہ وہ ریاست کے طاقتور ادارون کو اپنی شرائط پر کام کرنے کے لیے بورژواژی کے بڑھتے ہوئے کردار کو لیوریج کے طور پر استعمال کرے۔ مرکزگریز قوتوں کے بارے میں بھی اپنے یک طرفہ رحجان میں تبدیلی پیدا کرتے ہوئے مر کز کی ریاستی قوتوں سے باتیں منوانے کے لیے ان کی حمایت کا آغاز بھی کر دیا ہے جسکا ا ظہار ہمیں طالبان کے ایک حصہ کی حمایت، سندھ اور بلوچستان میں جاری سیاسی، عسکری چپقلش میں اس نئی Equation کے بڑھتے گھرے ہوتے ہوئے اثرات نظر آرہے ہیں۔

فوج کے ایک بڑے حصہ نے بادل نخواستہ اور نئی جیو پولیٹکل صورت حال میں پچھلے ایک خاص عرصے تک امریکہ سے حکمت عملی کے تضادات میں رہنے کے بعد کسی حد تک معاملات کو بہتر بنا کر نئی شرائط پر وقتی طور پر خطے میں امریکی حکمت عملی کا حصہ بن گئی ہے۔ جبکہ فوج کا دوسرا حصہ جو ماضی کی حکمت عملی کا تسلسل اور مقامی سیاسی عمل میں فیصلہ کن فیکٹر رہا ہے جس نے اپنی پرانی روش چھوڑنے سے انکار کر دیا ہے جسکا اظہارہمیں ایک طرف دفاع پاکستان کو نسل، عمران خان کی شکل میں نظر آرہا ہے تو دوسری طرف عدلیہ کی بڑھتی ہوئی اچھل کو د اور بے چینی کی صورت نمودار ہو رہا ہے۔ سامراجی حکمت عملی میں اس کے ساتھ ایک صفحہ پر ہونے کے باوجود فوج کے بڑے حصہ کا آج بھی اس بورژوا سویلین حصہ سے اعتماد کا رشتہ قائم نہیں ہو سکا ہے جو عمومی طور پر فوج اور عدلیہ سے ریاستی امور کے کنٹرول پر مسلسل نبرد آزما رہا ہے۔ مفادات کے بچاؤ کے لیے نئی گٹھ بندی ہو رہی ہے نئے حالات میں سویلین بورژوازی کی مسلسل لڑائی رنگ لا تی محسوس ہورہی ہے اور وہ نئے بین الاقوامی حالات کا بھر پور فائدہ اٹھانے کے موڈ میں ہے یہی وجہ ہے کہ وہ عدلیہ جو کہ ایک بڑی تحریک کے نتیجے میں بحال ہوئی ہے کہ بڑھتے ہوئے اثرات اور فوج کے ایک حصہ کے ساتھ اسکے گٹھ جوڑ کو بے

نقاب کرنے اور اسکو سینگوں سے پکڑ کر زیر کرنے پر تلی ہوئی ہے کیونکہ بین الاقوامی صورت حال کی بنا پر فوج مکمل طور پر عدلیہ کے ساتھ کھڑے ہونے سے ہچکچا رہی ہے کیونکہ سویلین بورژواژی نے افغانستان سے متعلق صورت حال پر پچھلے کافی عرصہ سے فوج کو مکمل طور پر اختیار دے رکھا ہے کہ وہ جس طرح کی چاہیے حکمت عملی تیار کر ے۔ اس سویلین بورژوا ژی کے طرزعمل سے فوج مکمل طور پر خود اپنے بنائے ہوئے جنگجو مہروں (طالبان) سے مکمل طور پر تضاد میں آچکی ہے اور ممکنہ طور پر مجبور ہو کر سامراجی حکمت عملی (کچھ عرصہ کے تذبذب کے بعد) کا حصہ بن گئی ہے اور سویلین بورژواژی کی عدلیہ سے بڑھتی ہوئی ٹسل میں فیصلہ کن انداز میں (عدلیہ کے ساتھ کھڑے) ہونے سے ہچکچا رہی ہے۔

عراق،لیبیا ، شام اور افریقہ کے بعض ممالک سے متعلق سامراجی ممالک کی حکمت عملیوں سے پاکستان کی ریاست کے کرتا دھرتا یعنی عسکری بورژواژی مکمل طور پر آگاہ ہے اور انہیں سامراج کی قوت اور فیصلہ کی طاقت کا اندازہ بھی ہے اور وہ اس صورتحال کا اتنا بھی مقابلہ کرنے کی سکت نہیں رکھتے جتنی لیبیا میں کرنل قڈافی نے دکھائی یا پھر شام کی ریاست پر قابض گروہ کو دکھارہے ہیں۔ لہذا انہوں نے خطے میں سامراجی ممالک سے مکمل محاذ آرائی سے اجتناب کرنے کی ٹھان لی ہے اور اسکا لازمی نتیجہ ریاستی اسٹیک ہولڈرزکی جاری کشمکش میں ابھرنے والی نئی Equation کی صورت میں نمودار ہو گا۔ اور آنے والے وقتوں میں سویلین بورژواژی اپنی مسلسل لڑائی (عدلیہ اور فوج سے) کے بدلے میں (جس کے نتیجے کے طور پر سامراجی ممالک کو فوج پر دباؤ ڈالنے کا موقع ملا) ریاستی امور میں ایک منصبوط عنصر (پہلے کے کمزور اور جونیر کردار کے برعکس کے طور پر ابھرے گی۔ اس کے لیے ضروری نہیں کہ سویلین بورژواژی کی نمائندگی پی پی (زرداری) کی شکل ہی میں ہو یہ شکل آنے والے دنوں میں بدل کر نواز شریف یا پھر زرداری نواز شریف مشترکہ طور پر بھی ہو سکتی ہے۔ لیکن یہ طے شدہ ہے کہ فوج کی ریاستی امور میں گرفت پہلے کی نسبت ڈھیلی پڑنے کے امکانات بڑ گئے ہیں اور عدلیہ کا سویلین بورزواژی سے بڑھتا ہوا ٹکراؤ اگر اسی طرح جاری رہا تو عدلیہ کو بہر حال ہزیمت ہی اٹھانی پڑے گی۔ اسکا دوسرا راستہ ہے کہ فوج ایک بار پھر ساری بساط لپیٹ کر اقتدار پر براہِ راست قابض ہو جائے جسکے امکانات موجودہ بین الاقوامی صورتحال میں کم ہی ہیں۔

بک تي پلجندڙ سنڌي سماج

بخشل ٿلهو



قانون پنهنجي شاندار مساوات ۾ امير ۽ غريب ٻنهي کي پل هيٺان سمهڻ، گهٽين ۾ پنڻ ۽ ماني ٽڪر جي چوري کان جهليندو آهي. (اناتول فرانس)

**

منهنجو موضوع اڄ اِهو ڪونهي ته کهڙو سنڌ جو سياستدان، کهڙي سنڌ جي آزادي لاءِ جدوجهد ٿو ڪري، پر مان جنهن سنڌ جي آزادي ۽ خوشحالي جو مقصد اندر ۾ سانڍي هلان ٿو، اها سنڌ مون کي انتهائي گهڻي جبر جو شڪار، تمام گهڻي بدحال ۽ بيمار ڏسجي ٿي. اها سنڌ مان، اسپتالن ۾ علاج لاءِ ترسندي، قبائلي جهيڙن تي ماتم ڪندي، وطن ڪارڊ حاصل ڪرڻ لاءِ ڊگهين قطارن ۾ سڄو ڏينهن خوار ٿيندي، وڏن شهرن اندر روزگار لاءِ ڀٽڪندي، پنهنجي پگهارن ۽ اجرتن ۾ واڌ لاءِ گورنر هائوس ٻاهران لٺيون کائيندي، پنهنجي ٻارن سان گڏ بک ۽ بدحالي خلاف دانهيندي، روڊن تي سڙيل بيجارا کڻي پاٽي ڪوٽ خلاف احتجاج ڪندي ڏسان ٿو.

ساڳي وقت ٽترن جو شڪار ڪندڙ، رنڪل ڪماري سميت سنڌجون نياڻيون اغوا ڪرائي ڪوٽ ۾ بند ڪندڙ، سنڌ جي اپرندڙ سياسي سيڪيولر شعور تي فتوئ ڏيندڙ، قبائلي جهيڙن کي چيهه ڏئي. پنهنجي پٽڪي جا ور وڌائيندڙ، وڏن شهرن جي مهانگي هوٽلن ۾ افطار پارٽين جي دعوت ڏيندڙ، سنڌ جي وسيلن کي ڪڌهن عسڪري قوتن ته ڪڏهن چيني، آمريڪي عالم پناهن کي وڪرو ڪندڙ، ضرورت پوڻ تي قوم پرستي کان وٺي جمهوريت تائين جو وڳو پائيندڙ منهنجي سنڌ ناهي. اِهي جيڪي هِن ڦرلٽ جي نظام ۾ آزاد آهن تن لاءِ منهنجي سنڌ جي آزادي موت ثابت ٿيندي اهي منهنجي سنڌ ۾ ايئن رهندڙ آهن جيئن هڪ صحتمند جسم ۾ مفت خور ڪيئان. جيڪي جنهن جسم مان جيئندان حاصل ڪندا آهن. انهيءَ کي ئي بيمار ڪندا آهن. اڄ منهنجي سنڌ واقعي بيمار ٿي پئي آهي. بک ۽ بدحالي منهنجي سنڌ جي قوت مدافعت کي نهوڙي وڌو آهي. هڪ سروي مطابق سنڌ ۾ روزانو 60 لک ٻار رات جو بکيي پيٽ سمهن ٿا ۽ سنڌ جي ڪل آبادي جو 70 سيڪڙو متوازن غذا کان محروم ۽ کاڌ خوراڪ جي گهٽتائي (Malnutrition) جو شڪار آهي.

یہ حسین کھیت پھٹا پڑتا ہے جو بن جن کا
کس لیے ان میں فقط بھوک اُگا کرتی ہے

سنڌ جي 90.5 سيڪڙو نارين ۾ وٽامن جي کوٽ آهي. کاڌ خوراڪ جي گهٽتائي سنڌ جي عوام منجهان قوت مدافعت کي ڪمزور ڪري انهيءَ کي بيمارين جي منهن ۾ ڏئي ڇڏيو آهي. 50 لک کان مٿي سنڌ جا ماڻهو هيپاٽائيٽس بي جو شڪار آهن. شگر جي مرض سنڌ جي ڪل آبادي جي 29.65 سيڪڙو عوام کي پنهنجي پاڪر ۾ ورتو آهي. انهيءَ کان علاوه ٽي بي، ايڊز، مليريا جهڙيون بيماريون آهن جن سبب اسان تمام گهڻي تيزي سان هڪ

بيمار قوم ۾ تبديل ٿي رهيا آهيون ۽ اها بيماري ۽ بک نه صرف داخلي سببن پر ڪيترن ئي خارجي سببن ڪري اسان جي عوام جو مقدر بڻي آهي ۽ منهنجي سنڌ جي صحت ۽ خوشحالي جو دارومدار ڪنهن به هڪ سبب ڪي وڌائي چڙهائي ڏسڻ ۽ ٻين سببن کان اکيوٽ ڪرڻ ۾ نه پر سمورن داخلي ۽ خارجي سببن سان ويڙهاند تي آهي ۽اهي سبب سرمائيداراڻي طرزِ پيداوار، عالمي معاشي ادارن جي پاليسين، عوام دشمن، قوم دشمن هِن پاڪستاني رياست کان ٿيندي، ڏيهي جاگيردار طبقي تائين ڇيهه ڪن ٿا. جن جو درجي به درجي مختصر ڇيد ضروري آهي. هوندئن به هر سماج اندر بک، بدحالي ۽ غربت جا ڪي خاص (particular) سبب به هوندا آهن پر هڪڙا عمومي (General) سبب ٿين ٿا. جن جي ڪري خاص سبب عمل پيرا يا فعال ٿيندا آهن يا انهن ذريعي عمومي سبب اظهاربا آهن. سرمائيداراڻو پيداواري طريقو هڪ اهڙو عمومي سبب آهي.

بک، بدحالي ۽ عالمي سرمائيداراڻو نظام

تون ڪيڏي نه شيطان صفت آهين،
غربت.
ڪيتريون خواهشون،
نيڪي ڪانپوءِ جا اتساهه ۽ سَچ،
ڪيترا عظيم خيال،
پاڻ جهڙن سان پيار جون خواهشون،
خوبصورت تصور،
تو پنهنجي ڪڙي هيٺيان،
بنا ڪنهن ساهي پٽڻ ۽ پڇتاءُ جي،
چيپاٽي ڇڏيا آهن.

والٽ وٽمين (آمريڪي شاعر)

"اڄ غربت جي ڪري دنيا ۾ 22000 ٻار مري ويا" پر هيءَ خبر (NEWS) توهان کي دنيا جي ڪنهن به نيوز چينل يا ڪنهن اخبار ۾ هڪ ڪالمي خبر طور به نظر نه ايندي. چاڪاڻ ته هن ڪارپوريٽ ميڊيا لاءِ خبر اُها آهي جيڪا نئين (NEW) هجي. روزانو ورجائيندڙ حقيقت ۾ ڪهڙي نواڻ؟ اڄ عالمي طور هڪ وڏو بحث اُها تصوير آهي جنهن ۾ آمريڪي صدر، ترڪي جي هم منصب سان ڳالهائيندي، بيس بال واري بيٽ هٿ ۾ جهليندي ڏيکاريو ويو آهي. "غربت جي ڪري روزانو 22000 ٻار موت جو شڪار ٿين ٿا." هِن خبر (ڀلي پوءِ اِهي انگ اکر هڪ بورجوا اداري UNICEF جا ئي ڏنل ڇو نه هجن) ۾ ڪا نواڻ، ڪا سنسني ڪونهي. مثال طور خبر اِها آهي ته ڳائڻي ماريه ڪيري جو نئون البم يا فلم هيري پوٽر جون نئون پارٽ ڪڏهن اچڻو آهي؟ شامي صدر بشرالاسد کي خوار ڪرڻ لاءِ هٿ جو ناهيل هڪ وري ٻيو نئون ڊرامو خبر آهي. خبر فرانس ۾ ڪامياب ٿيل فيشن شو آهي، نه ڪي اِهي انگ اکر ته دنيا ۾ هر ٽئين ٻار کي مٿي تي ڇت ڪونهي، هر پنجين ٻار کي پيئڻ لاءِ صاف پاڻي ۽ ستين ٻار لاءِ صحت جون سهولتون اڻلڀ آهن.



درحقيقت اسان هڪ MATRIX جي دنيا ۾ رهون ٿا جنهن ۾ ڏيک کي ئي اهڙي حقيقت طور پيش ڪيو وڃي ٿو جنهن ۾ اسان جوهر کي سمجهڻ جي جستجو کي ئي فضول سمجهڻ شروع ڪيون ٿا. ڏسڻ ۾ آيو ته اشتراڪي روس ٽٽي ويو. چوڻ ۾ آيو ته مارڪسزم ناڪام ٿي ويو. آمنا، صدقنا جون صدائون ٻڌڻ ۾ آيون پر اِهو ڏسڻ سمجهڻ جي ڪوشش به نه ڪئي سون ته

مارڪسزم 1917ع ۾ آيل روسي انقلاب جو نتيجو نه هو جو اتي ترميم پسندن جي ڪاميابي سان ناڪام ٿي ويو. مارڪسزم ته سرمائيداري نظام جي داخلي تضادن جو نتيجو آهي. جيڪو اوستائين Relevant رهندو جيستائين هي نظام موجود آهي. پر چوڻ لاءِ چيو ويو ته تاريخ جو خاتمو ٿي ويو. پر سمجهڻ وارا ته سمجهن ٿا ته طبقاتي تاريخ جو خاتمو طبقن جي خاتمي سان مشروط آهي ۽ اِهو هن عالمي طبقاتي نظام جو داخلي تضاد جو نتيجو آهي جو بک ۽ بدحالي هڪ گلوبل اشو جي حيثيت ۾ اڀري آئي آهي. اڄ دنيا جي آبادي ست ارب تائين پهچي چڪي آهي ۽ هِن ئي سرمائيداراڻي نظام جا ڪجهه ادارا (جهڙوڪ ورلڊ فوڊ پروگرام "WFP") ٻڌائين ٿا ته هر ستون ماڻهو روزانو بک تي سمهندو آهي. دنيا جي اڌ آبادي يعني لڳ ڀڳ ساڍا ٽي ارب ماڻهو روزانو 2.5 ڊالرن (پاڪستاني مهيني جا 7500 روپيا) کان گهٽ ڪمائين ٿا ۽ غربت جي ليڪ کان هيٺ رهڻ تي مجبور آهن. جن کي منهن ڏيڻ لاءِ غربت جي خاتمي جا ادارا ۽ NGOs جوڙيون ويون آهن. پر سرمائيدارن جي هي سموري حڪمت عملي ائين آهي جيئن مذهب ۾ خيرات ۽ زڪوات جو تصور، جنهن لاءِ چيو ويندو آهي ته هر ماڻهو جيڪڏهن صحيح زڪوات ڪڍي ته غربت ختم ٿي ويندي جڏهن ته زڪوات ڏيندڙ ۽ وٺندڙ جو تعلق ئي ٻڌائي ٿو ته معاشي اڻبرابري موجود رهڻي آهي. درحقيقت غربت، بک ۽ بدحالي سرمائي ۽ پورهئي جي تضاد جو لازمي نتيجو آهي. جنهن کي سرمائيداري مذهب جيان ٻين ثانوي محرڪن ذريعي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندي آهي. پوءِ ڪڏهن آبادي جو دليل ته ڪڏهن فرد جي لالچي فطرت، ڪڏهن ادارن جون غلط پاليسيون ته ڪڏهن آخر ۾ غريب جي پنهنجي قسمت يا نااهلي وغيره وغيره. ٻين لفظن ۾ مريض کي ئي مرض جو سبب ڄاڻائبو. اڄ جيڪڏهن ٽين دنيا جي 98% سيڪڙو آبادي سان بک جو مسئلو آهي ته انهيءَ جو سبب ٽين دنيا جون فوجي آمريتون ۽ نااهل حڪمران آهن جن ۾ عالمي مالياتي ادارن جو ڪو عمل دخل ڪونهي. سنڌ ۾ وڏيل بک ۽ بدحالي جو سبب پنجاب جو هڪ ڪامورو سنڌ جي چونڊيل نمائندن کي قرار ڏيندو آهي جڻ ته سنڌ اسيمبلي پاڪستاني رياستي بيهڪ کان ڪو آزاد لقاءُ هجي. ساڳي ريت سنڌ جو جاگيردار، سرمائيدار ۽ اڌ اڪريو مڊل ڪلاسي، پورهيت طبقي جي بک بدحالي کي انهن جي سستي ۽ نااهلي ۾ ڏسندو آهي. دراصل پهرين دنيا جي سموري ترقي ٽين دنيا جي تباهي جي آڌار سبب آهي. بلڪل ائين جيئن پنجاب جي جي ٽي روڊ جي ترقي، ڪنڌڪوٽ ۽ ڪوهلو جي تباهي ۽ سنڌ جي حڪمران طبقي جي خوشحالي پورهيت طبقي جي ڦرلٽ تي آهي.

ٽين دنيا جي وسيلن تي گهڻ قومي ڪمپنين جي هڪ هٽي، عالمي مالياتي ادارن طرفان ڏنل ٽين دنيا کي هڪ ڊالر قرض جي موٽ ۾ 25 ڊالر حاصل ڪرڻ ۽ ڪوڙ سارين ٻين استحصالي طور طريقن سبب، بک بدحالي ٽين دنيا جو تعارف ٿي چڪو آهي. اتي حقيقي عوامي اپار کي ڏيهي ڪمدار قوتن ذريعي چٽي بک پيدا ڪرڻ واري ڪاروبار کي ترقي ڏني ويندي آهي. غير متوازن يا ناهموار ترقي يا اوسر سرمائيداريءَ نظام جو بنيادي قانون آهي. جنهن ۾ سماجي پيداوار يا دولت چند نجي هٿن ۾ گڏ ٿيندي رهي ٿي ۽ سرمايي جو اهو ارتڪاز پورهيت اڪثريت کي پيداواري عمل مان ڪڍندي انهن کي بک ۽ بدحالي ۽ بيروزگاري جي اوڙاهه ۾ اڇليندو آهي. اِهو

ئي سبب آهي جو 21 صدي جو سرمائيداري مخالف نعرو ”اسين 99 سيڪڙو آهيون“. عالمي طور تي اپري آيو آهي. جيڪو سماجي دولت جي غير منصفاڻي ورڇ جي چڱيءَ ريت وضاحت ڪري ٿو. 2007ع جي بحران کان پوءِ سرمائيدار ميڊيا ۾ ئي هن نظام جي بقا تي بحث شروع ٿي چڪا آهن ۽ هن بحران جي قيمت عالمي سامراج وري به جديد بيٺڪيتن منجهان حاصل ڪرڻ تي زور ڏئي رهيو آهي.

بک، بدحالي ۽ پاڪستان

اولپمڪ جي راندين ۾، جنهن ۾ شامل گهڻو پنتي پيل، ڪافي آفريڪي ملڪ به ڪي تمغا حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ويا اتي پاڪستان ڪوبه تمغو حاصل نه ڪري سگهيو. دراصل پوري دنيا، اولمپڪ ۾ سرگرميون ئي اهڙيون رکيون جنهن ۾ پاڪستان جو نمبر اچڻو ئي ڪونه هو. جيڪڏهن مقابلو پين شعبن جهڙوڪ دهشتگردي يا بدامني قومي جبر، بک، بيماري ۽ بدحالي وغيره منجهه هجي ها، ته پاڪستان ڪوڙ سارين آفريڪن ۽ تباهه حال ملڪن کي به پوئتي ڇڏي ها. مثال طور دهشتگردي جي شعبي ۾ پاڪستان، صوماليه کان پوءِ ٻيو نمبر خطرناڪ ترين ملڪ آهي. يعني سڌي جنگين جي شڪار عراق ۽ افغانستان کان به وڌيڪ. عورتن تي تشدد ۽ جبر جو مقابلو هجي ها ته خانه جنگي جي ور چڙهيل افغانستان ۽ ڪانگو کانپوءِ پاڪستان ٽين نمبر وارو تمغو ضرور حاصل ڪري ها. ترقي پذير ملڪن منجهان پاڪستان دنيا جو ٽيون نمبر وڏو ملڪ آهي جتي ٻار ڄڻيندڙ عورت سان مسئلا سڀ کان گهڻا ٿين ٿا. پنجن سالن جي اندر مري ويندڙ ٻارن جي سيڪڙي تي نظر وجهبي ته پاڪستان دنيا ۾ چوٿين نمبر تي ايندو. صحت! معاف ڪجو بيمارين جي شعبي ۾ پاڪستان جو اڃان گهڻيون حاصلاتون آهن. دنيا اندر هيپاٽائيٽس ۽ شگر جي مرض ۾ پاڪستان ڇهون نمبر ۽ ٽي بي جي مرض جي حساب سان پاڪستان پوري دنيا ۾ اٺين نمبر تي آهي. خواندگي جي اٿهوند يا جهالت جي شعبي ۾ پاڪستان دنيا جي 183 ملڪن مان 22 نمبر تي آهي ۽ انهيءَ لسٽ ۾ سڀ کان آخري نمبر خوار سوشلسٽ ڪيوبا جو آهي جتي 99.9 سيڪڙو ماڻهو پڙهيل آهن. بک ۽ بدحالي جي حوالي سان ورلڊ فوڊ پروگرام (WFP) جي مطابق پاڪستان ۾ اٺ ڪروڙ ويهه لک ماڻهن (اڌ آبادي) سان بک جو مسئلو موجود آهي. پر اٺ ڪروڙ ويهه لک ماڻهن جي ورهاست پاڪستان جي چئن صوبن ۾ جمهوري انداز سان ٿيل ڪونهي تنهنڪري انهن جي اڪثريت سنڌ ۽ بلوچستان ۾ رهي ٿي.

پاڪستان جو حڪمران طبقو (فوجي سويلين نوڪر شاهي) ان هارايل جواري ۽ موالي وانگي آهن جيڪي دشڪش عيوض پنهنجون قيمتي شيون ڏئي ڇڏيندو آهي. هي هڪ اهڙو طبقو آهي جيڪو عالمي قوتن جي دلالي ڪي به عوامي خدمت ڄاڻائيندو آهي. تازو 20 آگسٽ تي هندستان جي هڪ مرڪزي وزير بيني پرساد ورما چيو آهي ته ”مان مهانگائي مان خوش آهيان انهيءَ سان هارين کي فائدو پهچندو.“ ساڳي ويڳاڻي هتان جي سرڪار به آهي. جيڪا عسڪري قوتن سان ناهه ۾ نجڪاري ۽ مهانگائي جي مقصد تي عمل پيرا آهي. جيڪا آزاد معيشت (Free economy) جي نالي ۾ ماڻهن کان معاشي آزادي ۽ پاڻپرائپ جو حق ڪسي عالمي گهڻ قومي ڪمپنين کي ڏئي ڇڏي ٿي ۽ بدلي ۾ به ٽي ڏينهن ٻيا وڌيڪ ساهه ڪٽڻ جو عالمي مالياتي ادارن کان سامان حاصل ڪري ٿي. اڄ ريلوي، واپڊا، اسٽيل مل ۽ پي ٽي سي ايل

جهڙن سمورن سرڪاري شعبن اندر ڪرپشن ۽ انهن جي ڪمزور ڪارڪردگي، هڪ منظم رياستي ايجنڊا جو حصو آهي ته جيئن نجي شعبي جي دائري ڪار کي وڌائي سگهجي. جنهنجو لازمي نتيجو اجان وڌيڪ بک ۽ بدحالي ۾ نڪرندو.

بک، بدحالي ۽ سنڌ

معاشي بحران جي اثرن کي، پاڻي جي بحران وانگي سمجهي سگهجي ٿو. جنهن ۾ سڀ کان گهڻو نقصان آخر ۾ پڇڙي وارن کي برداشت ڪرڻو پوندو آهي. مثال طور پاڻي جي حوالي سان هندستان، پاڪستان جي پيٽ ۾ وڌيڪ بهتر پوزيشن تي آهي ۽ پاڪستان اندر پنجاب سنڌ جو حق به کايون کپايو ڇڏي ۽ وري سنڌ ۾ مهڙ وارا بااثر جاگيردار پڇڙي وارن لاءِ ڪو پاڻي جو ڦڙو اڳيان ناهن ڪندا پوءِ پلي قانوني طور ڪين صرف 33 سيڪڙو زمين آباد ڪرڻي چو نه هجي يا وري سارين ۽ ڪيلي جي فصل تي پابندي چو نه هجي. (چمبڙ) وغيره نتيجي طور هڪ systematic ڪوٺ جي آخري قيمت سماج جي سڀ کان ڪمزور پرتن يا طبقن کي ڏيڻي پوي ٿي. اهڙي ريت عالمي نظام ۾ هِن رياست جي غير جمهوري بيهڪ سبب معاشي بحران جي قيمت هِن ملڪ جو پورهيت عوام عام طور تي ۽ سنڌ بلوچستان جو عوام خاص طور تي ادا ڪري رهيو آهي ۽ جيڪو هاڻي ہن ويلن جي ڪاڏ خوراڪ حاصل ڪرڻ کان به پري آهي. معدني وسيلن ۾ سڀ کان امير ترين هوندي به ۽ سڀ کان وڌيڪ روينيو ڏيڻ کان پوءِ به اِهو سنڌ جو عوام اهي جيڪو سڀ کان وڏي تباهي جي ڪناري تي آهي.

اڪنامڪ سروي آف پاڪستان جي 2011 واري رپورٽ مطابق صرف پختونخواه ۾ بي روزگاري جو سيڪڙو ڪريو آهي باقي ٽنهي صوبن ۾ وڌيو آهي. جنهن ۾ سنڌ سڀ کان مٿي آهي (23 سيڪڙو) انهيءَ کان پوءِ بلوچستان (16.66 سيڪڙو) ۽ پنجاب به آهن (8.24 سيڪڙو).

بيروزگاري انهيءَ رياست اندر تمام تيزي سان وڌندي آهي جتي صنعت ۽ زراعت بئي لاٿ ۾ هجن ۽ صرف بينڪون ئي ترقي ڪري رهيون هجن. حڪومت جي اوليت ڇا آهي؟ انهيءَ جو اظهار تازو آخري بجيٽ ۾ ئي ٿي ويو جنهن ۾ حڪومت زراعت کان 231 سيڪڙو وڌيڪ بجيٽ پوليس کاتي لاءِ مقرر ڪئي.

UNICEF جي مدد سان آغا خان يونيورسٽي طرفان ڪرايل هڪ سروي ”نيشنل نيوٽريشنل سروي 2011 (NNS)“ مطابق پاڪستان جي سمورن صوبن منجهان سنڌ سڀ کان وڌيڪ اٽپوري غذا جي مسئلن جو شڪار آهي. جتي 72 سيڪڙو ماڻهو غربت جي ليڪ هيٺ گذارين ٿا.

اڄ منهنجي سنڌ جي عوام لاءِ خوشحالي وڏن جي قصن ۾ جيئري آهي جيڪي ماضي جي هر ڳالهه جي شروعات ”سکر سي ئي ڏينهن“ چئي ڪندا آهن. جيستائين سوال آهي موجوده پي پي حڪومت جو ته انهيءَ لاءِ ڪنهن چڱي ڳالهه ڪئي ته ”پي پي سرڪار سنڌ لاءِ رت، سِرُ ۽ زندگي ڏيڻ جي ڳالهه ڪندي آهي پر صاف پاڻي، پيٽ پريو کاڌو ۽ صحت نه ٿي ڏئي سگهي.“ سندن سرواڻ شهيد ذوالفقار علي ڀٽي کي ته اسان کي هڪ هزار سال گاهه کارائي بم ٺاهڻو هو. هي اسان کي بک تي ماري، نوڪري بچائڻ ۾ پورا آهن. مٿان ذوالفقارآباد جو ڳٽ اسان جي ڳچيءَ ۾ وجهڻ جون تياريون آهن جنهن سان تمر جي ٻيلن جي تباهي يقيني آهي ۽ ساموندي جيوت تي گذران ڪندڙ 20 لک ماڻهن جو معاشي مستقبل اونداهو ٿيڻو آهي. سمنڊ جي ڇاڙهه ۽ ڪجهه ڪمپنين پاران مڇي

مارڻ لاءِ تمام ڳريون مشين استعمال ڪرڻ سان، سنڌ جي لکن ۾ آباد ملاح برادري جي گذر سفر پهرين کان متاثر آهي شهر نسل پرست تنظيمن جي حوالي آهن ۽ ٻاهرين آبادي سبب روزگار جا ذريعا محدود ٿي ويا آهن.سرمائيداراڻي طرز تي زرعي پيداوار هارين جي صدين کان زمين جي رشتي کي ٽوڙي ڇڏيو آهي ۽ لکن جي تعداد ۾ هڪ اهڙو کيت مزدور پيدا ڪيو آهي جيڪو ذريعي معاش لاءِ هميشه غير يقيني واري صورتحال ۾ جيئڻ تي مجبور آهي.

اب میں راشن کی قطاروں میں نظر آتا ہوں
اپنے کھیتوں سے بچھڑنے کی سزا پاتا ہوں

انهيءَ سچي عمل کي 2010 ۽ 2011 جي ٻوڏن ويتر تيز ڪري ڇڏيو هو.

نئين ٽيڪنالاجي جي آمد هتان جي تاريخي هنرمند طبقي (ڊکڻ، لوهر، ڪنڀر وغيره) کي به پنهنجو آبائي پيشو ڇڏڻ ۽ شهرن ۾ مزدوري ڳولهڻ جي ڪرت سان لائي ڇڏيو آهي. مٿان ٻاٽي جي کوٽ زرعي اپت کي ناڪاري متاثر ڪري، زمين جي قيمتن کي ڪيرائي ڇڏيو آهي جنهن ڪري هزارين ايڪڙن جي مالڪ چند جاگيردارن جي ٻيگهي متل آهي ٻين لفظن ۾ پاٽي بحران به هِن طبقي جي ملڪيت ۾ اضافي جو ڪارڻ ٿي سامهون آيو آهي. اچ مامرو 2010 جي Agricultural census کان به اڳتي نڪتل آهي، جنهن مطابق سنڌ جي ڪُل آبادي لائق زمين جو 60 سيڪڙو امير ۽ وچولي جاگيردارن جي قبضي هيٺ آهي.

هڪ اهڙي صورتحال ۾ سنڌ جي ترقي پسند سياست کي بک ۽ بدحاليءَ جا گهڻ طرفي ۽ هڪٻئي سان لاڳاپيل سمورا سبب (داخلي توڙي خارجي) پنهنجي اڳيان ڇٽاکي پنهنجي حڪمت عملي جوڙڻي آهي. وڏن اعليٰ سياسي مقصدن (سوشلزم جمهوريت ۽ قومي آزادي) جي حاصلات لاءِ ننڍن ننڍن حقيقي اشوز تي عوام ۽ پورهيت طبقي کي متحرڪ ۽ سياسي ڪرڻو آهي. تنهن ڪانپوءِ ئي جاگيرداري جي خاتمي، هِن عوام دشمن ۽ قوم دشمن رياست جو صدِباب ۽ هِن سرمائيداراڻي نظام خلاف ويڙهه کي حقيقي عوامي بنياد حاصل ٿي سگهن ٿا. انقلابي سياست جو اِهو هڪ بنيادي سبق آهي ته بک بدحالي جو اشو هجي يا وري ڪو وڏو اعليٰ سياسي مقصد (انقلاب) عوام جي اڪثريت جي سياسي سرگرميءَ کانسواءِ خام خيالي آهي. صرف اولين ۽ اعليٰ سياسي مقصدن تي ڳالهه ٻولهه ۽ سياست، تڏهن انقلابي لفاظي ٿيو وڃي جڏهن اُها اشوز جي سياست، سڌار پسند تحريڪن ۽ ٽريڊ يونين جدوجهد کي حقير ۽ قطعي انداز ۾ انهيءَ کي ناڪافي سمجهڻ شروع ڪري ٿي. اهڙي سياست بلڪل ائين آهي جيئن ڏور پري منزل جي حُب ۽ طلب ۾ رستن جي اهميت کان انڪار ڪرڻ. ساڳيو سياسي سنڊيڪٽو ۽ ٻيو انتها پسند رجحان بلڪل انهيءَ جي ابتڙ سياست ۾ به نظر ايندو. جنهن ۾ اولين ۽ اعليٰ سياسي مقصدن کي ناقابل حاصل ۽ ماضي جو قصو قرار ڏئي صرف اشوز جي سياست ڪئي وڃي ٿي. اهڙي قسم جي سياست جڏهن جڏهن قوت حاصل ڪندي آهي. تڏهن تڏهن اُها ڪي سڌارا حاصل ڪري، هِن دردمندي عوام تي دٻاءُ کي گهٽ ڪري سگهندي آهي پر دٻاءُ (بک ۽ بدحالي) جا حقيقي بنياد (قومي، جمهوري ۽ طبقاتي غلامي) اڻ ڇهيا رهن ٿا. نتيجي طور هڪ دور جون سڌار پسند حاصلاتون يا ته ٻي دور ۾ اٿپوريون ٿي ظاهر ٿيون وري واپس



ڦريون وجن ٿيون ۽ پوءِ ماضي جون سرگرم سماجي قوتون ۽ پرت پنهنجي ڪيل سياست تي سوال رکي، سياست تان ئي هٿ ڪڍي وڃن ٿا.

سنڌ يونيورسٽي جي متنازع وائيس چانسلر نذير مغل جي ڪرپشن، اقربا پروري ۽ نااهل ڪارڪردگي جو اڇو چٽو

سنڌ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر نذير مغل خلاف هلندڙ تحريڪ دوران سنڌ يونيورسٽي ٽيچرز ايسوسيئيشن (سوٽا) هڪ وائيٽ پيپر جاري ڪيو جنهن کي سماجواد بورڊ جيئن جو تيئن توهان پڙهندڙن آڏو رکي ٿو. (ادارو)

نذير مغل جي سنڌ يونيورسٽي ۾
نوڪري جو رڪارڊ ۽ ان ۾ هيرا ڦيري

متنازع وي سي نذير مغل سنڌ يونيور سٽي ۾ بطور ليڪچرار 1962 ۾ ڀرتي ٿيو ۽ هڪ سال سروس ڪانپوءِ آمريڪا پي ايڇ ڊي ڪرڻ ويو. پي ايڇ ڊي دوران هو آمريڪا ۾ ست سال يعنيٰ 1969 تائين موڪل تي رهيو ۽ پوءِ واپس اچي يونيورسٽي جوائن ڪرڻ بجاءِ هن اتي ئي آمريڪا ۾ نوڪري ڪرڻ شروع ڪري ڏني. پر جيئن تہ سنڌ يونيورسٽي ۾ هو بطور ليڪچرار ڪنفرم نہ ٿيو هو تنهن ڪري يونيورسٽي ۾ سندس موڪل واري عرصي کي غير قانوني قرار ڏيئي ڪيس ڪيترائي شوڪاز نوٽيس جاري ڪندي ٻيهر جوائن نہ ڪرڻ تي سندس نوڪري ختم ڪئي ويئي، جنهن جي خلاف هن اپيل دائر ڪئي . آمريڪا مان موڪل دوران وئڪيشن جي عرصي ۾ اچي هن سنڌ يونيورسٽي جوائن ڪئي ۽ وري نوڪري lien تي رکرائي. نذير مغل غير قانوني طور هڪ ئي وقت تي ٻن جڳهين تي نوڪري جاري رکي. پر هو ڪڏهن بہ سنڌ يونيورسٽي ۾ مستقل ملازم نہ رهيو. شيخ اياز جي دور ۾ هن پنهنجي نوڪري بحال ڪرائڻ جي اپيل ڪئي ۽ هن جي نوڪري 19-6-1980 ۾ وري سندس نوڪري بحال ٿي.

(1) پر مسلسل غير حاضري ڪري سندس سروس 16-5-1987 ۾ وري معطل ڪئي ويئي . (ڏسو syndicate no 42-16-5-1998)

(2) ان فيصلي خلاف نذير مغل وري اپيل ڪئي ۽ 1990 ۾ سنڊيڪيٽ سندس نوڪري وري lien تي رکي ڇڏي.

(3) جڏهن نذير مغل 27 جولاءِ 1995 ۾ سنڌ يونيورسٽي ۾ وي سي مقرر ٿيو تہ ان وقت تائين يونيورسٽي ۾ سندس ڪل نوڪري صرف ٻہ سال ڪجهہ مهينا هئي.

(4) حيرت انگيز طور هن سڄي رڪارڊ ۾ هيرا ڦيري ڪري پنهنجي وائيس چانسلر جي دور ۾ پنهنجي lien واري سروس واري دور کي مستقل ڳڻائيندي پاڻ کي سنڌ يونيورسٽي اندر پروفيسر مقرر ڪرايو، اهو بہ انوکو مثال آهي تہ هڪ وي سي پاڻ کي پاڻ پروفيسر مقرر ڪرائي. سندس پروفيسروارو آرڊر ان وقت جي رجسٽرار حسين شيخ جاري ڪيو. ان آرڊر مطابق سندس سروس 22 سال ست مهينا آهي. وري وي سي شپ جي عرصي ۾ هن پاڻ کي 20 گريڊ مان 21 گريڊ ۾ سينيارٽي جي حساب سان ترقي ڏني، ان مطابق سندس سنڌ يونيورسٽي ۾ 33 سال سروس هئي جنهن تحت هو Meritorious پروفيسر مقرر ٿيو. ان وقت نذير مغل پنهنجي عمر ثابت ڪرڻ لاءِ ميٽرڪ جي سرٽيفڪيٽ بجاءِ حيدرآباد ميونسپالٽي جو ڄم جي تاريخ جو سرٽيفڪيٽ جمع ڪرايو، جيڪو ٻڻ قائدن قانونن جي خلاف آهي. ان سرٽيفڪيٽ جي مطابق هو 4 - 0 -1997 تي سنڌ يونيورسٽي مان پروفيسر تي رٽائر ٿيو. هن نہ صرف

ڪوڙي نوڪري ڏيکاري پروفيسرشپ ورتي پر هن رٽائرمنٽ ڪانپوءِ پينشن پڻ ونڻ شروع ڪئي، جيڪا سنڌ يونيورسٽي ايڪٽ جي خلاف ورزي هئي. مجموعي طور تي ڏٺو وڃي تہ نذير مغل جي سنڌ يونيورسٽي ۾ ڪل ملائي چار سال مس نوڪري هئي پر هن اداري ڪان هڪ ملين رپيا پينشن جا ورتا .

هن جي رخصتي ڪانپوءِ سنڌ يونيورسٽي سئنڊ يڪيٽ پاران ان وقت 1999 ۾ انڪوائري ويهاري ويئي، جنهن جي رپورٽ سچي رڪارڊ سميت نذير مغل جا فراڊ پڌرا ڪري هنن کي مليل پنشن واپس ونڻ جي سفارش ڪئي، جيڪا سئنڊيڪيٽ فيصلي هيٺ معطل ٿي ويئي.

❖ نذير مغل سنڌ يونيورسٽي ۾ وائيس چانسلر طور ٻيهر مقرري ڪانپوءِ پنهنجو پاڻ کي ترقي ڏيئي پروفيسر ڪرائي پينشن ڏياري، ان معاملي تي ويٺل سينڊيڪٽ جي پاران پاس ڪرايل انڪوائري رپورٽ رد ڪرائي جنهن ۾ ڪيس پينشن جي مدي ۾ مڪمل 9,60,60 رپيا ڏنا ويا هئا. ياد رهي تہ هن پهرين دور ۾ وائيس چانسلر جي مقرري دوران يونيورسٽي ۾ڪوڙي سروس Claim ڪري پينشن جا پئسا ورتا هئا، جڏهن سندس برطرفي ڪانپوءِ سينڊ يڪٽ ان تي جانچ ڪرائي جنهن ۾ سندسClaim ڪوڙو ثابت ٿيو ڇو تہ ان عرصي ۾ هوءَ آمريڪا ۾ ايڊينبرو يونيورسٽي ۾ Job ڪندو رهيو هو. (جنهن جو رڪارڊ موجود آهي) نذير مغل پروفيسرطورمقرر ڪيل مدو پورو نہ ڪيو هو ، ٻاهر نوڪري هئڻ ڪري ڪيس نوڪري مان خارج ڪيو ويو هو. پرهن يونيورسٽي ۾ وائيس چانسلر طور مقرري ڪانپوءِ ڪوڙوپروموشن وٺي پنهنجي لاءِ پينشن جاري ڪرائي.

❖ ان انڪوائري رپورٽ ۾ مٿس ٻيا ڪرپشن جا ڪيس بہ درست ثابت ڪيا ويا هئا جنهن ۾ هن ڪرپشن ۾ شريڪ يونيورسٽي ملازمن کي غيرقانوني طور تي ميرٽ ۽ يونيورسٽي ڪوڊ جي لتاڙيندي پروموشن ڏنا هئا. سندس پاران غير قانوني طور تي پروموٽ ڪيل سپئي آفيسر ڪائنس پوءِ ايندڙ وائيس چانسلر مظهرالحق صديقي جي دور ۾ سينڊيڪٽ جي انڪوائري اچڻ بعد معطل ڪيا هئا جن کي هن ايندي شرط بحال ڪرايو.

❖ هن دور ۾ انهن معطل ٿيل آفيسرن کي ٻيهر بحال ڪري کين پنهنجي ويجهو آڻي نئين سر وائيس چانسلر سيڪريٽريٽ ۾ مقررڪيو. جتي پڻ هنن معطل ٿيل آفيسرن پئسا وٺي يونيورسٽي ۾ نوڪريون وٺي ڏيڻ ۽ بدلين عيوض رشوت وٺڻ واري ڌنڌي ۾ نالوڪمايو.

❖ نذير مغل پنهنجي مقرري دوران اڍائي سالن اندر سينٽ جي ڪا به ميٽنگ سڏائي يونيورسٽي جو بجٽ پاس نه ڪرائي سگهيو ڇاڪاڻ ته ان ۾ ڪيس خدشو هو تہ سندس غير معمولي مالي خردبرد جو داستان کلي سگهي ٿو، جيڪو سينٽ جا ميمبر ڪنهن بہ صورت ۾ پاس نہ ڪن ها.

❖ نذير مغل وائيس چانسلر طور مقرري دوران يونيورسٽي ۾ لائبريري جي بجٽ لاءِ ٽڪو به جاري نه ڪيو، جنهن ڪري ٻن سالن جي عرصي ۾ يونيورسٽي لائبرري جي ڏس ۾ ڪا بہ خريداري نہ ڪري سگهي، جڏهن تہ نون ڪتابن جي آمد ڪنهن به يونيورسٽي جي تدريسي ۽ تحقيقي ڪم جي لاءِ انتهائي ضروري هوندي آهي.

❖ نذيرمغل پنهنجي مقرري دوران سائنس فيڪلٽي ۾ ٿيندڙ ريسرچ لاءِ ڪيميڪل ۽

ٻين ضروري شين جي خريد لاءِ مختص ڪيل فنڊ روڪي، پنهنجي آفيس ۾ گهرجي مرمت تي ڪروڙين رپين جي بجٽ خرچ ڪئي (ثبوت طور وائي چانسلر هائوس جي مرمت جي نالي ۾ وائيس چانسلر آفيس جي مرمت / تعمير جا وائچر چيڪ ڪري سگهجن ٿا.)

❖ نذير مغل هڪ پاسي تدريسي ۽ تحقيقي ڪمن جي لاءِ فنڊز جي عدم دستيابي جو عذر ڏيکاريندو رهيوتـ ٻي پاسي ٻن سالن اندر يونيورسٽي جي خرچ تي سندس ذاتي پرڏيهي دورن جوتعداد ڪنهن بـ وائيس چانسلر کان نه رڳو وڌيڪ آهي پر ان ڪري غير ضروري آهي جو انهن دورن ۾ ڪٿي به ڪنهن پرڏيهي يونيورسٽي سان ٻه طرف تعاون جو ڪوبه MOU صحيح نه ڪيو آهي.

❖ جيئن ته نذير مغل جي وائيس چانسلر طور مقرري ڪنهن به قانوني قائدي مطابق نه ٿي هئي ان ڪري هن پنهنجي ڪرسي مضبوط رکڻ لاءِ گورنرهائوس جي خوشنودي حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي پرڏيهي دورن ۾ گورنر جي ان وقت جي پرنسپل سيڪريٽري ممتاز رحمان کي به ساڻ ڪنيو. ٻنهي جي آمريڪا ۽ اسپين جي دورن ۾ اتي هوٽلن ۾ مهانگي رهائش سميت ٻيا خرچ بـ ان غريب يونيورسٽي کان وصول ڪيا ويا جتي فنڊز جي عدم دستيابي ڪري تدريسي شعبن ۾ پرنٽنگ پيپرونڻ تي به پابندي قائم ڪئي وئي هئي. جڏهن تـ ممتاز رحمان سان سندس پرڏيهي دوري ۾ 50 لک کان مٿي پئسا خرچ ڪيا ويا.

❖ جيئن ته نذير مغل اڳئي به ميڊيڪل بلن جي مد ۾ "واياگرا" جا بل به يونيورسٽي اڪائونٽ مان ڪٽندو رهيو هو، هن دفعي به هن پنهنجي بيمارين لاءِ ڪروڙن روپين جا ڪوڙا بل يونيورسٽي جي کاتي ۾ جمع ڪرائي پئسا ڪنيا، ثبوت طور يونيورسٽي ۾ وائيس چانسلر جا ميڊيڪل بل ڏسي سگهجن ٿا.

❖ ميڊيڪل بلن جي مد ۾ هن پنهنجي سَس کي پنهنجي ماءُ ڄاڻائيندي ان جا ميڊيڪل بل به غريب يونيورسٽي کان چارج ڪيا.

❖ عمررسيده ۽ بيمارهئڻ ڪري وائيس چانسلر طورهن يونيورسٽي ۾ قائم وائيس چانسلر آفيس بجاءِ اڍائي سالن ۾ ڪي بـ سال پنهنجي ڪراچي واري گهر ۾ وائيس چانسلر هائوس کي ڪئمپ آفيس بڻائي ان ۾ گذاريا. انهن ٻنهي گهرن جو خرچو سندس وائيس چانسلري دور ۾ سنڌ يونيورسٽي ادا ڪندي رهي.

❖ سنڌ يونيورسٽي جي تاريخ ۾ اهوپهريون پيروهو تـ ڪنهن وائيس چانسلرڪراچي ۾ پنهنجي ذاتي گهر کي ڪئمپ آفيس طور ڏيکاري پنهنجي گهر جي خرچ ۾ ڪروڙين رپيا يونيورسٽي کان وصول ڪيا.

❖ نذير مغل غير ملڪي دورن ۾ پنهنجي پٽ جي بنگلاديش مان شادي لاءِ يونيورسٽي جي آفيسرن ۽ پنهنجي فيملي جوخرچ يونيورسٽي جي فنڊز مان وصول ڪيو ۽ ان کي پڻ سرڪاري دورو ڏيکاريو ويو.

❖ يونيورسٽي ڪئمپس ۾ سندس پٽ جي وليمي جي تقريب جا سمورا پئسا يونيورسٽي جي کاتي مان پريا ويا. ان شادي لاءِ ٻـ نيون اي وي پي گاڏيون خاص طور تي خريد ڪيون ويون.

❖ نذير مغل کي جبري رخصتي تي موڪلڻ وقت ڪيس بيمار ڄاڻائي ميڊيڪل ليو ڏني ويئي هئي پر هن چئن مهينن جي ميڊيڪل ليو تي پرڏيهي دورا ڪيا جنهن

جو خرچ 70 لک کان مٿي آهي.

- ❖ امتحانن واري شعبي ۾ ڪاليج سائيڊ کان ٽيندڙ امتحانن ۾ ليٽ فيءَ ڪٿي 500 تہ ڪٿي 5000 ورتي ويئي ۽ ان ليٽ في جي مد ۾ لکين رپين جي وصولي ڪري مالي خرد برد ڪئي ويئي. جنهن لاءِ الڳ هڪ شفاف عدالتي انڪوائري ڪرائڻ جي ضرورت آهي.
- ❖ ايڊميشن جي شعبي ۾ مالي ۽ انتظامي خرد برد جي انتها اها هئي جوسيٽون من پسند شاگرد ذرين عيوض ڪپائڻ جي نتيجي ۾ پروفيسر" بشير چنڙ" جو قتل ٿيو. ايڊميشن لسٽ جيڪا عام طور تي نيئن سيشن هلڻ کان اڳ جنوري جي پهرين هفتي ۾ پڌري ڪئي ويندي آهي، سيٽون پئسن تي ڪپائڻ ۽ انٽري ٽيسٽ جي نتيجن ۾ ڦيرڦارڪري هن سال فائينل لسٽ پهرين سيمسٽرجي امتحانن دوران يعني جنوري بجاءِ جون ۾ جاري ڪئي ويئي جيڪا ڇهہ مهينا ليٽ هئي، جنهن ڪري زيرو حاضري وارا شاگرد بہ امتحانن ۾ ويهاريا ويا.
- ❖ ايڊميشن جي شعبي ۾ ٿيل مالي خرد برد ۽ ٻين غير قانوني بي ضابطگين جي ڪري شاگرد ذرين ڪي هڪٻئي سان ويڙهائي يونيورسٽي جي تدريسي ماحول کي تباهہ ڪيو ويو (سال 2012 جي ايڊميشن جو ريڪارڊ سيل ڪرائي اعليٰ عدالتي جانچ ڪرائي وڃي تہ يونيورسٽيءَ ۾ پروفيسر سميت ٽن شاگردن جي قتل جا سبب بہ ملي پوندا.)

يونيورسٽي جا قاعدن ۽ قانونن جي لتاڙ ڪندي ڪيل غير قانوني پرتيونۡ فائده

- ❖ وائيس چانسلرمقررٿيڻ شرط نذير مغل ڪجهه ڪرپٽ آفيسرن سان گڏجي وائيس چانسلر سيڪريٽريٽ ۾ هڪ خفيه سيل ٺاهيو هو جنهن وسيلي پابندي هئڻ باجود بنا اشتهار جي پهرين گريڊ کان سورهين گريڊ جون نوڪريون پئسن تي ڪپايون ويونۡ ڪجهہ سياسي رشوت طور ميرٽ جي لتاڙ ڪندي لڪ چپ ۾ ورهايون ويون.
- ❖ پنهنجي غير قانوني ڪمن ۽ مالي خرد بُرد تي پردو وجهندڙ يونيورسٽي جي آفيسرن ۽ ملازمن کي رشوت طورنوڪريون ڏنيون ويون. يونيورسٽي جي قائدن / قانونن جي لتاڙ ڪندي گريڊ هڪ کان 16 گريڊ تائين بنا ڪنهن اشتهار ۽ انٽرويو جي هيٺيون ڀرتيون ڪيون ويون.
- ❖ موجوده رجسٽرار محمد نواز ناريجي جي پٽ کي سنئون سڌو 16 گريڊ ۾ نوڪري ڏني ويئي .
- ❖ وائيس چانسلر جي ذاتي P.A نديم ڀٽ جي ڀيڻ کي 16 گريڊ ۾ پناهہ علي شاه اسڪول ۾ بنا ڪنهن اشتهارۡ انٽرويو جي ڀرتي ڪيو ويو.
- ❖ اڳوڻي رجسٽراراخترميمڻ جي ڌيءَ کي پڻ سيد پناهہ علي شاه اسڪول ۾ 16 گريڊ ۾ نوڪري ڏني ويئي جيڪا بنا ايڊورٽائيزمنٽ جي هئي.
- ❖ اڳواٽي ڊائريڪٽر فنانس بشير شيخ جي ڌيءَکي بہ 16 گريڊ ۾ پناه علي شاه اسڪول ۾ نوڪري تي رکيو ويو.
- ❖ شهيد بشير احمد چنڙ جي خاندان کي خوش رکڻ لاءِ سندس ڌيءَ کي سليڪشن بورڊ ۽ انٽرويوکانسواءِ سنئون سڌو IBS ۾ 18 گريڊ ۾ ليڪچرر جو آرڊر ڏنو ويو، جڏهن تہ ٽيچنگ ۾ سليڪشن بورڊ کان سواءِ مقرري يونيورسٽي ڪوڊ ۽ ميرٽ جي لتاڙ آهي.
- ❖ پاڪستان اسٽڊي سينٽر جي ڊائريڪٽرجي 22 گريڊ واري Post تي 16هين گريڊ جي شاهد مرزا کي انچارج

طورمقررڪيو ويو، جيڪو سنڊيڪيٽ جي ميمبر رٽائر جسٽس حامد مرزا جو ڀاڻيجو آهي. هن نان اڪيڊمڪ ماڻهوءَ کي سڄي اڪيڊمڪ فيڪلٽي جو انچارج مقرر ڪيو ويو ڇو ته اهو نذير مغل جو خاص ماڻهو هو. جيئن مالي خرد برد ۾ آساني ٿئي. ياد رهي ته پاڪستان اسٽڊي سينٽر جي بجٽ يونيورسٽي بجاءِ سنئون سڌو وفاق مان ايندي آهي.

- ❖ يونيورسٽي جي قائدن ۽ قانونن جي ابتڙ غير قانوني طور مقرر ڪيل ميمبر پروفيسر پٺو جي پٽ ذوالفقارعلي پٺو کي غير قانوني طريقي سان IICT ڊپارٽيمنٽ مقررڪيو ويو. هڪ يونيورسٽي مان ٻي يونيورسٽي ۾ ڪنهن فيڪلٽي ميمبر کي ڊيپيوٽ ڪرڻ وائيس چانسلر بجاءِ چانسلر جو اختيار آهي جيڪو نذير مغل غير قانوني طور تي استعمال ڪيو.
- ❖ ٽرانسپورٽ آفيسر سيد سجاد علي شاهه جي پائٽي جي مقرري به بنا ڪنهن اشتهار ڏيڻ ۽ انٽرويو وٺڻ جي سنئون سڌو 16 هين گريڊ ۾ ڪئي وئي.
- ❖ خود ٽرانسپورٽ آفيسر سيد سجاد علي شاهه جي مقرري ۽ پروموشن تي سنڊيڪيٽ به وائيس چانسلرتي قانون جي لتاڙ جو اعتراض اٿاري چڪي آهي.
- ❖ نيچرل سائنس جي ڊين طاهر راجپوت جي پٽ کي بنا اسڪريننگ ٽيسٽ ، انٽرويو ۽ اشتهار جي سنئون سڌو آءِ بي ايس ۾ ريسرچ ايسوسيئٽ طور ڀرتي ڪيو ويو.
- ❖ هن وائيس چانسلر سنڊيڪيٽ مان نين پوسٽن جي منظوري وٺڻ کانسواءِ 300 غير قانوني، اڻ اشتهاريل ڀرتيون ڪيون جنهن مان ڪجهه نوڪريون پئسن تي ڪپائي ڏنيون ويون ۽ ڪجهه نوڪريون ڪرپشن ۾ شريڪ آفيسرن کي خوش ڪرڻ لاءِ ڏنيون ويون جيڪو يونيورسٽي جي مالي وسيلن تي ڳرو بار بڻيل آهن.
- ❖ سنڌياالاجي جي متنازعہ ڊائريڪٽر محمد قاسم ماڪا کي ڪرپشن ۾ شريڪ هجڻ جي ڪري ذاتي فائدا ڏيندي ڪيس يونيورسٽي جي ڪروڙ رپين جي ماليت سان بڪ اسٽور قائم ڪري ڏنو ويو. بڪ اسٽور جنهن جي ماهوار ڪمائي 7000 مس آهي ان ۾ 30 ملازم ڀرتي ڪيا ويا جنهن مان خود محمد قاسم ماڪا جا ٻه پٽ به شامل آهن 7000 ڪمائي ڏيندڙ بڪ اسٽور جي ڪل ملازمن جي ماهوار پگهار جي مد ۾ يونيورسٽي 280000 ڪان مٿي پئسا خرچ ڪري رهي آهي.
- ❖ سنڌ ياالاجي ۾ ايزي لوڊ پرائڻ واري پوسٽ کي11 گريڊ ڏيئي ان تي ملازم ڀرتي ڪيو ويو جنهن هيلتائين فقط 20 رپين جو ايزي لوڊ ڀرڻ وارو ڪم سرانجام ڏنو آهي.
- ❖ سنڌ يونيورسٽي ڪالوني جي بنگلن جي الاٽمنٽ ۾ به يونيورسٽي جي قائدن قانونن جي لتاڙ ڪئي وئي. يونيورسٽي ڪالوني جو انچارج به هڪ رٽائرڊ ماڻهو کي مقرر ڪيو ويو.
- ❖ اسٽور ۽ پرچيز آفيس ۾ خريداري جي ڏس ۾ پڻ ڪروڙين رپين جون گهوٻيون هنيون ويون ۽ مالي خرد برد ڪئي وئي. جنهن جا ڪجهه نمونا هيٺ ڏجن ٿا.

آگسٽ 2011 ۾ ڪيل خرچ

- ❖ 12,55000 روپيه هاسٽلز ۾ گٽرن جي ڍڪڻ لڳائڻ لاءِ ڏنا ويا.
- ❖ 27,90000 جون لوهي کٽون گرلس هاسٽل جي خريداري ۾ ڏيکاريون ويون.
- ❖ ڪنٽرولر آفيس جي لاءِ 17,3040 روپيه ڪنٽرولر آفيس لاءِ 30K جي ڊيزل

جنريٽر جي خريداري لاءِ ڏيکاريا ويا.

❖ 23,65175 روپيه 30k ڊيزل جنريٽر جي خريداري لاءِ ايجوڪيشن فيڪلٽي کي مختص ڪيا ويا.
❖ 22,19,250 ڊيزل جنريٽر30k، سينٽ هال ۽ وي سي سيڪريٽريٽ جي خريداري لاءِ مختص ڪيا ويا.
❖ سينيٽري جي سامان لاءِ 27,65,055 جي خريداري ڏيکاري وئي.
❖ 12 ڪروڙ روپيا دادو ڪئمپس جي ان زمين جي خريداري لاءِ ڏيکاريا ويا جيڪا تڪراري آهي ۽ ان تي دادو جي سينيئر وزير جو قبضو ٻڌايو پيو وڃي.
❖ ياد رهي ته هڪ پاسي سندس ذاتي خرچ لاءِ شاهانه خرچ جاري هئا ته ٻي پاسي ٻن سالن تائين لائبريري جي ڪتابن ۽ ڪيميڪلز جي خريداري تي پابندي هئينل هئي.

تدريسي ۽ تحقيقي ڪلچر جي حوصله شڪني ۾ وائيس چانسلر نذير مغل جو ڪردار ۽ ڪارڪردگي

❖ ڪنهن به يونيورسٽي جو رينڪنگ جودارو مدار ان جي تحقيقي ۽ تدريسي عمل سان ڳانڍاپيل آهي نذير مغل جي دور ۾ يونيورسٽي جي رينڪنگ ٽي ڏاڪا هيٺ ڪري آهي چاڪاڻ تہ ڻ نذير مغل سنڌ يونيورسٽي ۾ تحقيقي ۽ تدريسي ڪلچر کي هٿي وٺائڻ بجاءِ انهن سڀني ڪمن جي حوصلہ شڪني ڪئي جيڪي ڪنهن بہ يونيورسٽي جي اعليٰ معيار جي ضمانت هوندا آهن.
❖ نذير مغل، وائيس چانسلر طور چارج وٺندي ئي لائبريري جي ڪتابن ۽ تحقيق لاءِ سائنسي سامان مشين، ڪيميڪل ۽ ٻين تدرسي ۽ تحقيقي عمل لاءِ گهربل مواد جي خريداري تي Ban هٽي چڏيو جيڪو سندس جبري رخصتي تائين جاري رهيو.
❖ نذير مغل وائيس چانسلر مقرر ٿيندي ئي HEC پاران جاري ڪيل استادن جي اسڪالرشپ بند ڪري ڇڏي، هن اها رقم استادن تي خرچ ڪرڻ بجاءِ ان رقم تي Fixed Deposit ۾ رکي ان تي Interest ڪاڏو. پرڏيهه مان پي ايچ ڊي ڪيل استادن سان يونيورسٽي جي رينڪنگ ۽ معيار اعليٰ ليکيو ويندو آهي نذير مغل استادن جي اهليت ۽ قابليت توڙي يونيورسٽي جي معيار کي بهتر بنائڻ بجاءِ پنهنجي عياشين ۽ ذاتي پرڏيهي دورن تي يونيورسٽي جو پئسو پاڻي جيان خرچ ڪيو.
❖ HEC پاران جاري ڪيل فنڊز کي مناسب طريقي سان خرچ نه ڪرڻ ۽ GRE پاس ڪيل 80 کان مٿي استادن جي اسڪالرشپ روڪڻ تي HEC سنڌ يونيورسٽي کي فيڪلٽي Development لاءِ اسڪالرشپ ڏيڻ بند ڪري ڇڏي. ياد رهي ته ٻن سالن جي عرصي دوران صرف ٻن ٽن استادن کي اسڪالرشپ کي ٻاهر موڪليوويو جڏهن ته ان جي ڀيٽ ۾ ڪراچي جي يونيورسٽي 100 کان مٿي استادن تي اعليٰ تعليم لاءِ پرڏيهہ موڪليو ۽ پنجاب ۾ ان کان ٻيٽا استاد پرڏيهه اسڪالرشپ تي موڪليا ويا.نذير مغل جي استادن جي اسڪالر شپ روڪڻ واري عمل يونيورسٽي جي رينڪنگ ۽ معيار کي ناقابل تلافي نقصان پهچايو.
❖ يونيورسٽي جي Ranking ۾ ڪئمپس اندرتدرسي سرگرمين ۾ بين الاقوامي ڪانفرنسون ورڪشاپ، سمپوزيم ۽ سيمينار بہ هڪ اهم جزا لکيا وڃن ٿا. نذير مغل پنهنجي مقرري دوران اهڙي ڪنهن به اڪيڊمڪ سرگرمي کي

هٿي ڏيڻ بجاءِ فنڊز روڪي يونيورسٽي جي Ranking کي ڪافي نقصان پهچايو.

❖ نذير مغل يونيورسٽي جي سربراهه جي حيثيت ۾ پنهنجي تقرري جي سموري عرصي دوران سواءِ ڪنهن ايڪڙ ٻيڪڙ جي ڪنهن PH.D جي فائنل سيمينار جي صدارت نـ ڪئي جڏهن تـ يونيورسٽن جي اڪيڊمڪ سربراهن لاءِ اها ڳالهه اعزاز ليکي ويندي آهي تـ اهي يونيورسٽيءَ اندر ٿيندڙ تحقيق کي ذاتي طور تي نظر مان ڪڍن ۽ انهن سيمينارن جي صدارت دوران تحقيقي ڪم جي ڪوائيلٽي ۽ اسڪالر جي ذاتي دلچسپي ۽ محنت جو شخصي طور تي جائزو وٺي سگهن. پر نذير مغل بيماري ۽ پيرسني جي ڪري حقيقي طور تي اهڙي ڪنهن به سيمينار ۾ ويهڻ کان قاصر آهي جنهن ۾ لاڳيتي دلچسپي ۽ Concentration کپي.

❖ يونيورسٽي جي سربراهه جي حيثيت ۾ لازم آهي ته اهو ذهني ۽ جسماني طورتي ايترو چشتءِ لائق هجي جو اهو يونيوسٽي جي تدريسي توڙي انتظامي شعبن جي ڪارڪردگي کان باخبر هجي ۽ اهڙي عمل لاءِ ڪئمپس اندر سندس موجودگي لازم آهي جڏهن ته نذير مغل پنهنجي وائيس چانسلري جي سموري عرصي دوران آفيس کي گهربل ٽائيم ڏيڻ بجاءِ گهڻو عرصو ڪراچي واري گهر ۾ قائم ڪئمپ آفيس ۾ هئڻ ڪري اڪيڊمڪ هيڊس کان ويندي ٻين انتظامي شعبن جي سربراهن کي سندس ملاقات لاءِ مهينن کان پوءِ ٽائيم ملي سگهندوهو. ڪائنس اچ بـ جي سيني شعبن جي سربراهن جا نالا پڇا وڃن

تـ شايد پاڻ انهن کان واقف نـ هوندو.

❖ نذير مغل جي دور ۾ اڪيڊمڪ هيڊس جي ورلي ڪا ميٽنگ سڏائي وئي هجي سواءِ ان وقت جڏهن سندس تقرير دوران سندس مخالفت ٿي تڏهن هن گڏجاڻي ڪوٺائي.

❖ وائيس چانسلر طور نذير مغل جي مقرري کان پوءِ تدرسي عمل ۾ لاٿ جو وڏو سبب سندس پاران امتحانن ۾ شاگردن کي Zero attendance سان ويهڻ جي اجازت ڏيڻ بـ هڪ اهڙو فيصلو هو جنهن ڪري 2011 جي فائينل سيمسٽر ۾ ڪي 20 ڏينهن تدريسي عمل هلي سگهيوهو. ڇاڪاڻ ته Zero attendance کان پوءِ شاگردن ۾ ڪلاس Attend ڪرڻ جو رجحان گهٽيو. سندس ان فيصلي پڻ يونيورسٽي جي تدريسي عمل کي ناقابل تلافي نقصان پهچايو.

❖ يونيورسٽي جي رينڪنگ ۽ تدريسي ۽ تحقيقي عمل کي بتدريج پهتل نقصان ۾ سندس داخلا پاليسي کي پڻ خصوصي حيثيت حاصل آهي، جنهن ۾ پڻ اينٽري ٽيسٽ ۾ ميرٽ جي لتاڙ ڪندي Zero ۽ Minus ۾ مارڪون حاصل ڪندڙن کي رشوت عيوض اعليٰ انتهائي پروفيشنل شعبن ۾ داخلا ڏني ويئي. جيئن تـ اهڙن شاگردن جو رجحان پڙهائي بجاءِ ٻيو ڪجهه هوندو آهي، تنهنڪري اهڙن نااهل شاگردن تدريسي ماحول کي ناقابل تلافي ڇيهو رسايو

نذير مغل جي دور ۾ سنڌ يونيورسٽي جي پرامن ڪئمپس کي پهتل نقصان

❖ ڪئمپس سربراهه جي حيثيت ۾ سندس غير موجودگي، ڪرپشن تي ٻڌل داخلا پاليسي ، ناقص امتحاني

پاليسي، مالي ڪرپشن، ميرٽ جي لتاڙ ۾ سربراهه جي حيثيت ۾ يونيورسٽي قاعدن ۽ قانونن جي مسلسل خلاف ورزي حقيقت ۾ ڪئمپس کي پر امن تدريسي ماحول ڏيڻ بجاءِ هڪ WAR ZONE ۾ تبديل ڪري ڇڏيو هو.نذير مغل جي دور ۾ يونيورسٽي ڪئمپس اندر فائرنگ ۾ ڇوڪرن جو زخمي ٿيڻ معمول جي ڳالهہ هئي.

❖ نذير مغل جي وائيس چانسلر شپ جي دور ۾ مختلف جهيڙن جي حوالي سان هڪ سال اندر 235 ايف آءِ آر درج ٿيون، جيڪو يونيورسٽي جي ٽيندڙ ڏوهن ۾ هڪ رڪارڊ واڌارو آهي. چار سئو کان مٿي شاگرد فائرنگ ۽ جهيڙن جي واقعن ۾ زخمي ٿيا. هڪ پروفيسر شهيد بشير احمد چنڙ ڪئمپس اندر هلندڙ تدريسي عمل دوران قتل ڪيو ويو. چار شاگرد ڪئپس اندر تعليمي سيشن دوران قتل ٿيا.

❖ يونيورسٽي اندر موبائلن جي چوري، موٽرسائيڪلن جي ڦرروز جو معمول بڻيل هو يونيورسٽي ڪالوني ۾ صديق ڪلهوڙي جي گهر تي نامعلوم ماڻهن جي فائرنگ ۽ ڊائريڪٽر ايڊميشن پروفيسربشير احمد شيخ جي گهر تي ڌاڙو سندس دور جا خاص واقعا آهن جن جا جوابدار اڃ تائين نہ پڪڙيا ويا.

❖ ڪئمپس اندر شاگرداڻين کي جنسي حراسان ڪرڻ جا واقعا بہ رپورٽ ٿيا جيڪي ميڊيا ۾ پڻ آيا پر انهن ۾ پڻ ڪنهن به جوابدار کي سزا ڪونہ آئي پر ان جي برعڪس اهڙن واقعن کي لڪائڻ ۽ دبائڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي.

❖ نذير مغل جي ويجهي سمجهندڙ پرو وائيس چانسر جي هڪ ويجهي ساٿي تي پڻ جنسي طور تي حرا سان ڪرڻ جا الزام آيا پر وائيس چانسلر انڪوائري ڪرڻ بجاءِ ان کي کي بچائڻ جي ڪوشس ڪئي .

❖ ڪاوش جي ايڊيٽرنياز پنهور جي گاڏي کي ڪئمپس اندر ماروي هاسٽل آڏو نامعلوم جوابدارن باهه ڏيئي ساڙي ڇڏيو. جنهن جا جوبدار پڻ گرفتار ڪونه ٿيا.

سينيٽ ۽ سينڊيڪيٽ جي منظوري کانسواءِ ورتل فيصلا

❖ سنڌ يونيورسٽي اولڊ ڪئمپس جي پراڻي ايجوڪيشن فيڪلٽي جي بلڊنگ جنهن ۾ بي ايڊ ۽ ايم ايڊ جا ڪلاس هلندا آهن. USAIDجي پراجيڪٽ جي فنڊز جي آڌارتي سال اڳ ٺهيل بلڊنگ مڪمل طور تي ڊاهي پٽ ڪري نئين بلڊنگ ناهڻ جي پراجيڪٽ جي منظوري نه ورتي ويئي.

❖ ان پراجيڪٽ تي تمام سنجيده قسم جا اعتراض آهن ته نئين بلڊنگ لاءِ نئين جاءِ خريد ڪرڻ بجاءِ ان پراڻي عمارت کي ڇوٿو ڊاهيو وڃي جنهن ۾ اجان هڪ سال اڳ ڪروڙ روپين لاڳت سان نيا ڪمرا ٺهرايا ويا آهن.

❖ ان پروجيڪٽ ۾ پراڻي بلدنگ ڊهڻ ۽ نئين بلڊنگ ٺهڻ واري عرصي دوران بي ايڊ ايم ايڊ جا ڪلاس ڊسٽرب ڪري ناقابل تلافي نقصان پهچايو ويو آهي.

❖ هن سال بي ايڊ جي داخلا به نه ڪئي ويئي آهي چو ته ناقص پروجيڪٽ جي ڪري نيئن سال جي شاگردن لاءِ ڪلاس هلائڻ لاءِ جاءِ ناهي جڏهن ته پراڻي بلڊنگ غير ضروري طور تي ڊاهي پئي وڃي. سنڌ يونيورسٽي وٽ

پنهنجي واڌو زمين هوندي پراڻي بلڊنگ جي جاءِ تي نئين بلڊنگ ٺهرائڻ وارو ڊرامو فنڊز جو ڳچ حصو خرد برد ڪرڻ لاءِ رچايو ويو آهي.

- هڪ سال لاءِ بي ايڊ جي ايڊميشن نه ٿيڻ جو مطلب آهي ته ٻن سالن جي مدي تائين ان ڊگري لاءِ سنڌ يونيورسٽي جو ڪوبه ڊگري يافته شاگرد Available نه هوندو.
- ايجوڪيشن فيڪلٽي ۾ يونيورسٽي جي قاعدن جي لتاڙ ڪندي Education Distance جي مالي بچت ۾ خرد برد ڪئي وئي آهي.
- ايجوڪيشن فيڪلٽي ۾ اولڊ ڪئمپس ۾ BBA جون داخلائون ڪيون ويون جڏهن ته IBS پاران اڳ ئي Self Finance Evening, Morning ڪلاس علامه آءِ آءِ قاضي ڪئمپس ۾ هلندڙ آهن.
- BBA جا ڪلاس شهر ۾ هلائڻ وقت شاگردن جي لائبريري، ڪمپيوٽر ۽ ٻين سهولتن جو ڪو بہ خيال نه رکيو ويو اهڙي قسم جي غير معياري ۽ تدرسي عمل لاءِ يونيورسٽي جي ڪنهن به مجاز اداري يعني سينڊيڪيٽ کان منظوري نہ ورتي ويئي ۽ نہ ئي ان جي PCI جمع ڪرائي وئي. اهڙي ناقص ڊگري سنڌيونيورسٽي جي معيار کي ناقابل تلافي ڇيهو رسائڻ جو سبب بڻبي.
- ٻي طرف اهي شاگرد جن ڳريون فيون ڀري ان پروگرام ۾ داخلا ورتي انهن جو مستقبل داءُ تي لڳل آهي.
- سينڊيڪيٽ جي منظوري کان سواءِ غير ضروري طور تي سنڌيونيورسٽي ڪئمپس ۾ چار پرو وائيس چانسلر مقرر ڪيل آهن، جن جي تعداد پاڪستان جي ڪنهن به يونيورسٽي کان مٿي آهي. انهن چار PVCs ۾ ٽن PVCs جون آفيسون به اڃان سنڌيونيورسٽي علامه آءِ آءِ قاضي ڪئمپس ۾ ئي آهن اهي Posts ڪنهن به مجاز اداري جي منظوري کانسواءِ آهن ۽ يونيورسٽي تي مالي بارآهن. ياد رهي ته اهي پڻ بنا ڪنهن اشتهار جي سياسي ۽ ذاتي مفاد حاصل ڪرڻ جي لاءِ نيون CREAT ڪيل Posts آهن. انهن چار PVCs مان هڪ PVC ريٽائرڊ آهي جنهن جي مقرري پڻ سپريم ڪورٽ جي آرڊر جي لتاڙ آهي.
- سپريم ڪورٽ جي آرڊر جي لتاڙ ڪندي ۽ سنڊيڪٽ جي منظوري کانسواءِ سنڌ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر جي صلاحڪار لاءِ هڪ ٻي نئين Post تي هڪ رٽائرڊ آفيسر ظهور افغان کي مقرر ڪيو ويو آهي. ياد رهي وائيس چانسلر جي ايڊوائيزر جي Post پاڪستان جي ٻي ڪنهن به يونيورسٽي ۾ ناهي، اهو مالي بوجهہ به سنڌ يونيورسٽي کي برداشت ڪرڻو پوندو، جنهن ۾ اڄ تائين تدرسي ۽ تحقيقي مواد جي خريداري تي پابندي پيل آهي.
- يونيورسٽي ۽ قانونن مطابق وائيس چانسلر پنهنجي Power جي استعمال جي منظوري لاءِ سينڊيڪٽ مان منظوري وٺڻ جو مجاز آهي، ان کان بچڻ خاطر پنهنجي غير قانوني آرڊرس کي شيلٽر ڏيڻ لاءِ وائيس چانسلر پنهنجي هن پسند/ آفيسرن/ ڊينن PVCs تي ٻڌل هڪ جڙتو وائيس چانسلرايگزيڪيٽوڪميٽي جوڙي ان کان پنهنجي ايمرجنسي پاور ۽ ٻين فيصلن جي منظوري وٺندي هڪ طرح سان سئنڊيڪيٽ جي متبادل

طور استعمال ڪندو رهيو جڏهن تہ يونيورسٽي ڪوڊ ۾ وائيس چانسلر ايگزيڪٽو ڪميٽي جي ڪابہ قانوني حيثيت ڪانہ آهي .

- وائيس چانسلر پاران سنڊيڪيٽ پڻ غير قانوني آهي جنهن کي پڻ سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ چيلنج ڪيو ويو آهي يونيورسٽي جي ڪوڊ جي لتاڙيندي سنيئر وڪيل جهمٽ مل کي سينيئر ڊين جي جاءِ تي ميمبر رکيو ويو جيڪا سينيئر ڊين جي حق جي لتاڙ آهي چاڪاڻ تہ وڪيل جهٽ مل ڪنهن بہ يونيورسٽي ۾ ريگيولر پروفيسر ناهي پر ڪيس يونيورسٽي قاعدن جي لتاڙ ڪندي ان ڪري سنڊيڪيٽ جو ميمبر ڪيو ويو جيئن اهو وائيس چانسلر جي غير قانوني ڪمن، ڪرپشن ۽ بد انتظامي کي قانوني لبادو پارائي سگهي.
- سنڌ يونيورسٽي جي سنڊيڪيٽ ۾ پروفيسر ممتاز پٺو ۽ پروفيسر اسد لاڙڪ جي ميمبر واري حيثيت پڻ متنازعہ آهي چاڪاڻ تہ اهي ٻئي يونيوپرسٽي مان پينشن کڻندڙ آهن.
- سنڊيڪيٽ ۾ چار PVCs جو ميمبر هجڻ پڻ متنازعہ آهي جيڪي وائيس چانسلر جي ڪرپشن ۽ غير قانوني ڪمن کي سنڊيڪيٽ ۾ شيلٽر ڏيڻ لاءِ رکيا ويا آهن جڏهن تہ يونيورسٽي ڪوڊ مطابق فقط هڪ PVC سنڊيڪيٽ جو ميمبر ٿي سگهي ٿو.
- نذير مغل جي وائيس چانسلر طورغير قانوني تقرري سميت(جيڪا پڻ سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ چيلنج ٿيل آهي) ۽ مٿين سڀني حقيقت کي مد نظر رکي ڏسجي تہ هن شخص سنڌ يونيورسٽي مان رڳو ناجائز مالي فائدا نه ورتا آهن

پر سندس داخلا ۽ امتحان پاليسي، مالي خرد برد ۽ بد انتظامي سنڌ يونيورسٽي جي عزت، ناموس ۽ نالي سميت سنڌ جي تعليمي مستقبل کي ناقابل تلافي نقصان پهچايو آهي. ان ڪري سنڌ يونيورسٽي جا استاد، شاگرد، ملازم ۽ سنڌ جا گهڻ گهراءِ سنڌ جو ساجهه وند طبقو اپيل ٿو ڪري ته نذير مغل کي فوراً سنڌ يونيورسٽي ۾ وائيس چانسلر شپ جي Post تان هٽائي. مٿس سنڌ هائڪورٽ جي فاضل ججن تي ٻڌل اعليٰ عدالتي ڪميشن ويهاري وڃي. جيڪا شفاف طريقي سان مٿين الزامن جي اڻ ڏري جانچ ڪرائي وڃي سنڌ يونيورسٽي جا استاد، ملازم ۽ شاگرد گهر ٿا ڪن تہ سنڌ يونيورسٽي ۾ HEC جي مقرر ڪيل معيار مطابق ڪو حاضر سروس وائيس چانسلر ڏنو وڃي جيڪو سنڌ يونيورسٽي کي وڌيڪ تباهي کان روڪي ان ۾ اڪيڊمڪ پيس قائم ڪرائي حقيقي طورتي تحقيقي ۽ تدريسي ماحول جي بحالي جو ڪم ڪري.

عالمي سياسي صورتحال

شام جي موجوده صورتحال: هڪ ڪميونسٽ نقطه نظر

ڪامريڊ نبي سوهو



جنگ ذاتي ملڪيت تي ٻڌل انساني سماج جي سفاڪانه فطرت جو ڀيانڪ اظهار هوندي آهي جيڪا هر صورت ۾ سياست جي پُر تشدد شڪل ۽ ڀڃرين ۽ آخري نتيجي ۾ معاشي مفاد ماڻڻ لاءِ تباهي ۽ بربادي جو مظهر هوندي آهي. جنگيون ٻن قسمن جون هونديون آهن. هڪ جنگ مظلوم قوم يا طبقو پنهنجي وجود جي بقا لاءِ به وڙهندو آهي جڏهن ته مارڪسي ليننَي نقطه نظر موجب مظلوم قومون يا طبقا هر صورت ۾ جنگ مخالف ۽ امن جي ڪوشش ۾ رڌل رهندا آهن ته جيئن سماج جي حقيقي ۽ فطري نمونې اوسر ممڪن ٿي سگهي پر اٽتر جنگي صورتحال ۾ ترقي پسند ۽ عوام دوست قوتون پڻ پنهنجي بقا لاءِ قومي ۽ طبقاتي غلاميءَ مان نجات لاءِ جنگ ڪرڻ کان سواءِ ٻيو آپشن وٽن موجود نه هوندو آهي. ٻيو قسم موجوده دور ۾ بيٺڪيتي جنگيون هونديون آهن جنهن ۾ سامراج بيٺڪي رياست جي قدرتي ۽ انساني وسيلن کي پنهنجي قبضي ۾ آڻڻ لاءِ حمله آور ٿيندو آهي.. جنگ جون ٻئي صورتون اصل ۾ هڪ آهن يعني ٻن طبقن جي وچ ۾، ظالم ۽ مظلوم جي وچ ۾ جنگ يا سامراج ۽ بيٺڪيتي ملڪ جي وچ ۾ جنگ. اها جنگ ڪٽڻ لاءِ سامراج ننهن چوٽيءَ جا زور لڳائيندو آهي. جنگ ۾ ٽپڻ جا قانوني ۽ سياسي جڙتو جواز گهڙيندو آهي. ان کان علاوه سامراج جنگ ڪٽڻ يا نفسياتي برتري ڏيکارڻ جي لاءِ پروپيگنڊه جي ذريعي عالمي پرنٽ توڙي اليڪٽرانڪ ميڊيا ۽ انٽرنيٽ سميت چاڻ جي سمورن وسلين کي خوب استعمال ڪندو آهي. سامراج نه صرف انساني جانين کي ضايع ڪرڻ ۽ وسيلن تي قبضو ڪندو آهي پر ان ملڪ يا رياست جي ثقافت، تهذيب، ٻولي، سندس مجموعي ترقي توڙي انفراسٽرڪچر سميت هر شئي کي تهس نهس ڪري ڇڏيندو آهي. ڪڏهن ان ملڪ يا رياست کي دهشتگرد، ايٽمي يا ڪيميائي موتمار هٿيار رکندڙ جا الزام لڳائيندو آهي ته ڪڏهن اهو جواز ڄاڻائي ته جمهوري قدر پامال پيا ٿين يا اهو ملڪ دنيا جي سالميت جي لاءِ خطرو آهي. پر ياد رهي ته دهشتگردي هجي يا ايٽمي، ڪيميائي هٿيار رکڻ ۽ انهن جو بي جا استعمال ڪرڻ يا آمريتون مسلط ڪرڻ اهو سڀ کان وڏو پيشو خود عالمي سامراج جو ئي آهي.

سوويت يونين جي ڊهڻ کان پوءِ عالمي سامراج دنيا اندر نئي سري سان تباهي ۽ بربادي مچائي رهيو آهي. ايشيا ۽ آفريڪا جي عرب رياستن ۾ سامراج جي نشاني تي لبيا کان پوءِ هاڻي شام ملڪ آهي. شام ايشيا جو اولهه ۾ آخري ملڪ ۽ آفريڪا جي ويجهو آهي. شام جون

سرحدون اتر ۾ ترڪي، اولهه ۾ يونوچ سمنڊ ۽ لبنان ۾ واقع آهن، اوڀر ۾ عراق، ڏکڻ ۾ اردن ۽ ڏکڻ اولهه ۾ اسرائيل موجود آهي. شام جي آبادي 74 سيڪڙو سني مسلمان، 12 سيڪڙو شيعا، 10 سيڪڙو عيسائين سميت ٻيا مذهب، فرقا ۽ نسل موجود آهن. شام لبيا کان پوءِ سڀ کان وڏيڪ آمريڪا سامراج ۽ ان جي ساٿارين جي اک ۾ ڪنڊو بڻجندو رهيو آهي ۽ سامراج سموري عرب پٽي ۾ پنهنجون من پسند حڪومتون آڻڻ ۾ هيستائين ڪامياب رهيو آهي. آمريڪي سامراج جيڪو دنيا ۾ جنگين جي اولمپڪ ۾ جو ورلڊ چيمپيئن آهي پنهنجي ساٿارين برطانيه، فرانس، سعودي عرب، ترڪي سميت نيٽو فورسز جي ذريعي حافظ الاسد جي پٽ بشارالاسد جي حڪومت جو تختو اونڌو ڪرڻ ۽ سامراجي لوٽ کسوٽ لاءِ آتو ۽ بضد آهي. ان پاڙيسري ملڪ ترڪي ۾ سندس ڇهيتي اسرائيل کي ويڙهه لاءِ اڏو بنايو آهي ۽ ويڙهاڪ باغين کي هٿيارن، ٽينڪن ۽ جديد قسم جي ميزائلن کان ويندي مالي مدد فراهم ڪري رهيو آهي. اسرائيل اڳ ۾ فلسطين، لبنان، اردن ۽ شام ۾ وڏي پيماني تي دهشتگردي ڪندو آيو آهي ۽ بي گناهه ماڻهن کي ماري علائقن ۽ وسيلن تي قبضو ڪندو آيو آهي. ترڪي ۾ اڳ ۾ ئي آمريڪي فوجي اڏا موجود آهن. يوگوسلاويه، عراق، افغانستان، لبيا کان پوءِ نيٽو فورسز شام جي وسيلن جي ڦرلٽ توڙي ان کي هر صورت ۾ ٽڪرا ٽڪرا ڪري پنهنجي من پسند حڪومت قائم ڪرڻ ٿو چاهي. ڪجھ عرصو اڳ لبيا ۾ باغي فوجين جي مدد سان نيٽو فورسز ڪاميابي ماڻي آهي اتي عوامي حڪومت ختم ڪري گهرو ويڙهه ڪرائي ڪرنل قزافي جو تختو اونڌو ڪيو ويو آهي جتي عوام کي تعليم ۽ صحت کان ويندي هر قسم جون بنيادي سهولتون تمام گهٽي حد تائين موجود هيون هاڻ سڄو لبيا تباهي جو ڍير بڻجي ويو آهي. هاڻي عالمي سامراج شام ۾ بشارالاسد جي حڪومت جو تختو اونڌو ڪري اتي جي وسيلن تي قبضو ڪري من پسند حڪومت آڻڻ جي ڀرپور ڪوشش ۾ رڌل آهي. شام ۾ ڀڻ جنگ کان اڳي عوام ڪافي حد تائين بنيادي سهولتن کان آراسته رهيو آهي ۽ اتي تعليم ۽ صحت جو معيار ڀڻ بلند رهيو آهي. رڳو تعليمي شرع 90 سيڪڙو آهي جڏهن ته عورتن جي خواندگي شرح ڀڻ 83 سيڪڙو کان مٿي آهي. ڪهڙي آمريت جي دور ۾ عوام کي ايترييون سهولتون ملي سگهن ٿيون؟ پر وري به جيڪڏهن حڪومت نااهل بڻجي ٿي وڃي ته به ان کي ڌاهڻ جو اختيار اتي جي عوام کي آهي نه ڪي سامراج کي.

عرب سامراج طرفان عثمانيه سلطنت جي زير اثر هي ملڪ 400 سال رهيو. ان کان پوءِ سرمائيداري جي اوسر جي وقت دنيا جي نئي سري سان ورهاست دوران هي ملڪ فرانس جي تسلط هيٺ رهيو. 1946 ۾ پاڪستان وانگي فرانس کان نالي ماتر آزادي ماڻيائين ۽ پارليامينٽري نظام رائج ٿيو. پر مسلسل فوجي چڙهائين جي ور چڙهندو رهيو. 1958 کان 1961 تائين مصر سان جمال عبدالناصر جي دور ۾ قائم ڪيل يونين ۾ عارضي طور شامل رهيو. ٻيهر 1963 ۾ فوجي چڙهائي ذريعي حافظ الاسد جي پارٽي عرب سوشلسٽ بعث پارٽي اقتدار ۾ آئي. ان وقت ڪين سوويت يونين جي ڀرپور مدد حاصل هئي جنهن جي مدد سان 140 کان مٿي بينڪن توڙي فيڪٽرين ۽ٻين ادارن

ڪي نيشنلائيز ڪيو ويو. شام وچ اوڀر جو واحد ملڪ آهي جتي اڄ به روسي جنگي ٻيڙا پونوچ (ڪيسپيئن) سمنڊ ۾ موجود آهن جيڪا ڳالهه به آمريڪا سامراج لاءِ باعث تشويش رهي آهي. تازو روس جنگي ٻيڙن ۾ اضافي جو حڪم پڻ ڏنو آهي. 2000ع ۾ حافظ الاسد جي موت ڪان پوءِ اقتدار سندس پٽ بشارالاسد جي حوالي ٿيو ۽ سمورين پاليسين ڪي جيئن جو تيئن جاري رکيو ويو.. 1989 ۾ سوويت يونين جي ٽٽڻ ڪان پوءِ پوري دنيا ۾ رجعتي قوتون ڀيهر اڳتي آيون ۽ وڏي پيماني تي ادارن جي نجڪاري جو عمل ٿيو. پاڪستان ۾ باقائدي نجڪاري جو عمل بينظير جي پهرين جهموري حڪومت ۾ ئي شروع ٿيو. 1991 ۾ ته شام عراق خلاف جنگ ۾ آمريڪا جي ساٿاري ملڪن ۾ شامل رهيو. ڪجھ عرصو اڳ ۾ سلامتي ڪائونسل ۾ روس ۽ چين پاران آمريڪا جي شام اندر مداخلت ۽ جنگ مخالف ويٽو ڪيو آهي. جنهن ڪان پوءِ آمريڪا ٻيهراقوام متحده ۾ اهو ڪيس رکڻ جي تياري شروع ڪري ڇڏي آهي. روس ۽ چين پڻ وڏيون عالمي طاقتون آهن انهن جا پنهنجا مفاد پڻ ٿي سگهن ٿا چو ته اهي ماضي وانگي ڪميونسٽ نه پر سرمائيدار ملڪ آهن اهي ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ آمريڪا سان سودي بازي ۾ پڻ دير نه ڪنديون پر شام خلاف جنگ جو وڏو نقصان ايران کي ٿيندو چو ته موجوده شام جنگي حالتن ۽ اقتصادي پابندين ڪري معاشي ڏيوالپڻي جو شڪار آهي اهو فقط ايران جي مالي توڙي اخلاقي مدد تي هلي رهيو آهي. ان ڪان علاوه ايران حزب الله، حماس ۽ ٻين اسرائيل مخالف تنظيمن جي مالي مدد سان گڏوگڏ هٿيار پڻ فراهم ڪري رهيو


آهي. ايران هر صورت ۾ شام جي جنگ جو مخالف ۽ سڀ ڪجھ داو تي لڳائڻ لاءِ تيار آهي. تازو سعودي عرب ۾ ٿيل او آئي سي جي ڪانفرنس ۾ شام جي بنيادي رڪنيت ختم ٿيڻ خلاف پڻ ايران شديد مخالفت ڪئي آهي. شام ۾ جاري خوني ويڙهه ۾ باغين ۽ شامي حڪومت پاران جدا جدا فتح جون دعوائون هلي رهيون آهن. شام جي ٻي وڏي شهر حلب ۾ باغين ۽ حڪومتي ڌرين ۾ چٽي ويڙهه هلي رهي آهي. هيستائين رڳو 19 مهينن ۾ ٽيهه هزار ڪان مٿي ماڻهو مري چڪا آهن. لڙائي جو مرڪز حلب شهر جي ڏکڻ ۾ صلاح الدين ضلعو آهي جتي باغي ترڪي توڙي اسرائيل مان هٿيارن سان ليس ٿي وڏي تعداد ۾ شام جي سرحدن ۾ داخل ٿي رهيا آهن. ياد رهي ته ترڪي ۾ موجود آمريڪي اڏن سميت سعودي عرب پاران پڻ باغين کي ڀرپور مدد حاصل آهي. شام ۾ هلندڙ رتوڇاڻ ڪان پوءِ شامين جي وڏي پناهه گاهه اردن آهي. اتي به لک ڪان مٿي ماڻهن لڏپلاڻ ڪئي آهي انهن ۾ وڏو تعداد عورتن ۽ ٻارن جو آهي. اردن جي حڪومت تشويش ڏيکاري آهي ته اردن ۾ شامي پناهه گيرن جو تعداد مسلسل وڌي رهيو آهي ۽ صحرا خيمن جو شهر بڻجي ويو آهي. فلسطيني حماس جو سربراهه پڻ دمشق ۾ موجود آهي. 19 مهينن ڪان شامي حڪومت فقط ايراني ريال ۽ سندس ٻي مدد تي هلي رهي آهي. ايران جي بين الاقوامي حيثيت نه هجڻ ڪري پوئتي رهڻ جا امڪان موجود آهن. ان سان گڏو گڏ اهو پڻ نظر اچي ٿو ته شام تي حملي ڪرڻ جو اصل مقصد ايران کي وڌيڪ سوڙهو ڪرڻ ۽ ڪيس مات ڏيڻ آهي. ايران هن خطي ۾ واحد ملڪ آهي جيڪو

آمريڪا سان مهاڏو اٽڪائيندو پيو اچي.

مارڪسي ليننی نقطه نظر موجب جنگ ڪي ان جي تاريخي ۽ وسيع تر پسمنظر ۾ سمجهڻ جي ضرورت آهي. سامراج جيڪو خود پنهنجي سرمائيداري نظام جي بحران ۾ ڦاٿل رهيو آهي جنهن ڪنهن دور ۾ سرمائيداري جي حقيقي اوسر کان شروعات ڪئي هاڻ دنيا کي جنگين ۽ تباهين جي حوالي ڪري ڇڏيو آهي. چو ته مارڪس جي بقول سرمائيداري نظام هڪ بند گهٽيءَ ۾ داخل هجي ٿو اهو فقط ۽ فقط منڊي جي معيشت ۽ منافعي جي حوس کان سواءِ ڪجهه به ناهي. ملڪ، قوم يا عوام سان انهن جو ڪو سروڪار نه هوندو آهي. آمريڪا ۽ گڏيل قون جي ادارن کان مدد گهرڻ وارا اسان جا قوم پرست رڳو شام جي صورتحال مان اندازو لڳائي سگهن ٿا ته عالمي سامراج ۽ ان جا ناهيل ادارا اسان کي ڪهڙي آزادي وٺي ڏيندا؟ جيڪڏهن عالمي سامراج شام ۾ من پسند حڪومت آڻڻ ۾ ڪامياب وڃي ٿو يا سازش تحت شام کي ٽڪرن ۾ ورهائڻ جي مڪروهه سازش ۾ ڪامياب ٿئي ٿو ته پوءِ هي پورو خطو سياسي طور تي اجان ڪجهه مستحڪم ٿيندو. شام اندر مختلف قومن،نسلن، مذهبن، فرقن جا ماڻهو رهن ٿا. سامراج تن ۾ ٽڪراءُ جو ماحول پيدا ڪري شام کي داخلي طور ڪمزور ڪري رهيو آهي. ڪرد پڻ اتي وڏي تعداد ۾ رهن ٿا ۽ الڳ صوبي يا رياست جي دعوا ڪري رهيا آهن. جڏهن ته ساڳين ئي ڪردن کي ترڪيءَ ۾ چٿڻ لاءِ سامراج ترڪي حڪومت جي مدد ڪري رهيو آهي. انهن مختلف گروپن جي پاڻ ۾ رساڪشي واري صورتحال پڻ پيدا ڪئي وئي آهي. جنهن مان پڻ سامراج وڏو فائدو حاصل ڪيو آهي ۽ انهن کي باغين ۾ شامل ڪري حڪومت جو تختو اونڌو ڪرڻ لاءِ استعمال ڪري رهيو آهي. ايتري قدر جو شام جو اڳوڻو وزيراعظم پڻ باغين سان وڃي مليو آهي. شام تي قبضي خلاف عالمي طور تي ڪافي سامراج مخالف قوتون پڻ ڳجهه ڳوهه ۾ مدد ڪري رهيون آهن. ان کان علاوه آمريڪا يا نيٽو مخالف قوتون جيڪي شام ۾ من پسند حڪومت ڏسڻ ٿيون چاهين اهي به پس پرده سرگرم عمل آهن. ايندڙ وقت ۾ فيصلاڪن مرحلا اچڻا آهن. عراق، افغانستان ۽ لبيا ۾ سامراج جنگ کٽڻ کان پوءِ به عوامي مزاحمت کي شديد نموني منهن ڏيئي رهيو آهي ۽ ظاهري ڳالهه آهي ته شام ۾ پڻ عوامي مزاحمت اجان به وڌيڪ زور پڪڙيندي. ان سان گڏ اهو شامي عوام توڙي پوري عرب ملڪن لاءِ موجوده صورتحال اهو سبق پڻ ڏي ٿي ته پنهنجي ڌرتيءَ جي وجود جي بقا جي جنگ ۾ ڪا وچٿري لائين هوندي ئي ناهي. فقط سوشلسٽ نظام ذريعي ئي صحيح انداز ۾ سامراج کي شڪست ڏيئي سگهجي ٿي. ان جا مثال ڪيوبا، ويٽنام ۽ اتر ڪوريا آهن. شام سميت وچ اوڀر توڙي عرب رياستن جو حل پڻ پوري دنيا جي مظلوم قومن ۽ طبقن سان ڳنڍيل آهي. ماضي جي سامراج مخالف عرب قوم پرستي جي ڪمزوري ۽ وڌندڙ مذهبي انتهاپسندي رڳو سامراج لاءِ ئي فائديمند ٿي سگهي ٿي نه ڪا اتي جي عوام لاءِ. پر مارڪسي لينني نظريي موجب مزدور انقلاب ذريعي ئي شامي عوام جي نجات ممڪن آهي.

نظرياتي ادب

ٽراٽسڪي ۽ اولهه جي پريس



ھرپال برار / عنايت خاصخيلي

(نوٽ: هي مضمون "ڪميونسٽ پارٽي آف گريٽ برٽين (مارڪسسٽ- لينِنسٽ)" (CPGB(ML)) جي جرنل سيڪريٽري هرپال برار جي ڪتاب "لينِنزم يا ٽراٽسڪائيزم" تان ڪنيو ويو آهي. هن مضمون ۾ ليکڪ ٽراٽسڪيءَ جي اولهه جي پريس سان واسطن جي ڇنڊڇاڻ ڪندي سندس رد انقلابي ڪردار کي وائکو ڪري ٿو. - ادارو)

"ٽراٽسڪائيزم" جي رد انقلابي/ انقلاب وروڌي ڳر کي سمجهڻ جو هڪ طريقو يورپي بورجوا ميڊيا/ پريس سان سندس واسطن جي نوعيت کي جاچڻ آهي. اها ڳالهه ته عالم آشڪار آهي ته يورپي بورجوا پريس مارڪسواد ۽ مارڪسوادين تي گند اڇلڻ ۽ کين بدنام ڪرڻ جو ٺيڪو کنيو آهي. پر ان ئي ساڳي انقلاب دشمن بورجوا ميڊيا جو لينن کان پوءِ پاڻ کي "عظيم ترين بلشويڪ" سڏرائيندڙ "ٽراٽسڪي" ڏانهن ڪهڙو رويو هيو اچو ته ان جو اڀياس ڪريون!

برطانيه جي مشهور اخبار "ڊيلي ايڪسپريس"

پنهنجي بنياد پرست، سامراج دوست ۽ انقلاب دشمن ڳر جي ڪري ڪافي مشهور رهي آهي. اها اخبار پنهنجي ابتدا کان ئي برطانيه ۾ ڪميونسٽ مخالف سامراجي پروپيگنڊا جو هڪ مضبوط هٿيار رهي آهي. ان اخبار ذريعي ئي سامراجي ڌرين برطانيه جي مزدور طبقي جي سياست کي وڏي عرصي کان پنهنجي اثر هيٺ آڻڻ جي ڪوشش پئي ڪئي آهي. اها 27 فيبروري 1929ع جي صبح هئي جڏهن برطانوي سامراجي ڌرين جي اهڙي اثر ۽ سحر ۾ ورتل لکين مزدورن کي "ٽراٽسڪيءَ جي درد ڪٿا" نهايت ئي جذباتي ۽ دل ڏهڪائيندڙ انداز ۾ پڙهائڻ شروع ڪئي وئي. ان ڏينهن اخبار جي پهرئين پني تي ئي ٽراٽسڪئي بابت ڏنل خبرن جون شِهه سُرخيون ڪجهه هيئن هيون ته: ٽراٽسڪيءَ جي روس مان نيڪالي جي ڪهاڻي، ٽراٽسڪيءَ جي پنهنجي زباني"، "هڪ جلاوطن ڪيل انقلابيءَ جا چرڪائيندڙ انڪشاف"، "هو ترڪي ڪيئن پهتو؟"، "پنهنجي سڀ کان وڏي دشمن اسٽالن تي شديد تنقيد"، "هڪ باغيءَ تي ٿيل جبر جي ڪهاڻي!"، "هڪ تاريخي دستاويز!"، "ٽراٽسڪي ۽ سندس ونيءَ جون تصويرون" وغيره. ان ڏينهن ئي ڊيلي ايڪسپريس ان موضوع تي وڏيڪ لکندي چيو ته "اڄ جي ڊيلي ايڪسپريس ۾ ليون ٽراٽسڪيءَ جي بالشويڪ روس مان نيڪالي جي داستان سندس پنهنجي زباني پڙهندا. روس مان تڙيپار ٿيل، استنبول ۾ سياسي پناهه وٺي رهندڙ ۽ روسي اختيارين جي نظرداريءَ ۾ رهندڙ "بيمار ٽراٽسڪي" پنهنجي طويل خاموشي کي ٽوڙي ٿو. هو پنهنجي سڀ کان وڏي دشمن ۽ روسي آمر "جوزف اسٽالن" تي سخت تنقيد ڪري ٿو ۽ کيس پنهنجي اهڙي ابتر حالت جو ذميوار قرار ڏئي ٿو. هو سوويت يونين جي تباهه ٿيڻ جي اڳڪٿي ڪري ٿو ۽ روس جي هاٺوڪي آمريت تي چوهه چنڊي ٿو. "ٽراٽسڪي" انقلاب جي مهندار کان وٺي هڪ غريب، مڪسين ۽ جلاوطن سياستدان ٿيڻ تائين جي روئداد ٻڌائي ٿو." نه صرف ايترو پر ڊيلي ايڪسپريس ٽراٽسڪيءَ جي

مضمونن جي تعريف ڪندي لکيو ته ”سنڌ جي تاريخي ۽ سياسي اهميت تمام گھڻي آهي. ٽراٽسڪي جي ڪٿا نهايت ئي دلچسپ حقيقتن تي ٻڌل آهي جيڪا پڙهندڙ کي ڏاڍي به ڏاکي انهن حقيقتن کان روشناس ڪري ٿي.“

ٽراٽسڪيءَ جي انهن ڏرائتن ”انڪشافن“ جي مستقل ۽ وڏي پئماني تي پذيرائي جي مهم طور ”ڊيلي ايڪسپريس“ ٻئي ڏينهن به پنهنجو فرنٽ پيج ٽراٽڪسيءَ جي خبرن حوالي ڪندي لکيو ته ”ٽراٽسڪيءَ جي اسٽالن ’پارٽي جي گورکن تي شديد تنقيد‘، ’ هڪ جلاوطن سياستدان جا حيران ڪُن انڪشاف‘، ’آءٌ ڪيس روڪي ئي ساهه کڻندم‘، ’آءٌ اسٽالن کي ڪيئن ڏسان ٿو؟‘ ۽ ائين پهرين مارچ 1929ع تي هڪ ڀيرو وري ڊيلي ايڪسپريس پنهنجو فرنٽ پيج ”ٽراٽسڪيءَ“ جي خبرن سان ڀري ڇڏيو. اهڙين جذباتي خبرن ۽ حيران ڪُن انڪشافن جي ڏڙا ڏڙ اشاعت سان گڏ ئي ’ڊيلي ايڪسپريس‘ 27 فيبروري 1929 کان ئي ٽراٽسڪي جي مضمونن ڇاپڻ جي شروعات ڪئي. ٽراٽسڪي پنهنجي پهرئين آرٽيڪل جي شروعات ئي هنن لفظن سان ڪئي ته ”اعليٰ آدرشن ۽ اصولن واري ڳالهه ڪرڻ مهل جذباتيت کان وڌ کان وڌ پاسو ڪيو ويندو آهي. مون هي لکڻيون ڪنهن به صورت ۾ پنهنجي ڪيس کي وڌائي چڙهائي، جذباتي انداز ۾ رکڻ لاءِ ناهن لکيون. ان جي ابتڙ آءٌ چاهيان ٿو ته عوام ۾ ان جذباتيت جو خاتمو ڪريان ۽ ڪين وڌ کان وڌ صحيح ۽ غير جانبدار چاڻ ڏيان جيترِي سياسي معاملن ۾ ممڪن ٿي سگهي. اها حقيقت آهي ته عوامي شعور تائين رسائي جو هي طريقو جيڪو مون هاٽي اختيار ڪيو آهي (يورپي بورجوا پريس- مترجم) اهو اڳ ۾ ڪڏهن به نه آزمايو هئم. پر ان جو سبب به اِهو ئي آهي ته آءٌ اڄ کان پهريان ڪڏهن به اهڙي ڪنهن صورتحال جو شڪار نه رهيس جنهن ۾ هاٽي ورتل آهيان. منهنجو مقصد پروپيگنڊا نه، پر عوام تائين صحيح ڳالهه پهچائڻ آهي. ان ڪري ئي هي مضمون لکڻ کان پهريان ’مون اظهار جي آزادي جي گهر ڪئي. آءٌ صرف ۽ صرف اهو لکندس جيڪو آءٌ سمجهان ٿو، نه ته ڪجهه به نه لکندس!‘

ائين پوءِ دنيا ڏٺو ته مٿين سٽن ۾ ٽراٽسڪي پاران ڏنل وضاحت بعد شايع ٿيل سنڌس مضمونن ۾ ٽراٽسڪي واضح انداز ۾ هڪ نئين سياسي دور جي شروعات ڪئي. ٻئي طرف ڊيلي ايڪسپريس جي ٽراٽسڪي ذريعي شروع ڪيل ان ڪميونسٽ مخالف پروپيگنڊا کان سٽت ئي پوءِ يورپ ۽ آمريڪا جي بورجوا اخبارن به وهندي گنگا ۾ سِنان ڪرڻ ۾ ڪا ويرم ڪانه ڪئي ۽ پنهنجي اخبارن ۽ رسالن ذريعي ٽراٽسڪي جي مضمونن جي پرمار شروع ڪري ڏني.

”ٽراٽسڪائيزم“ جي اُن دور جي اِن انوکي روپ تي تنقيد ڪندي ڪميونسٽ انٽرنيشنل جي رسالي ”انٽرنيشنل پريس ڪَريسپانڊنس“ پنهنجي 22 مارچ 1929ع واري شماري ۾ لکيو ته ”سال 1928ع جي ختم ٿيڻ سان ئي اولهه جي سامراج نواز بورجوا ميڊيا/ پريس کي ڪميونزم تي خار ڪڍڻ لاءِ ٽراٽسڪيءَ جي روپ ۾ هڪ ”نئون ساٿاري“ ملي ويو آهي. آمريڪا، برطانيه ۽ يورپ جي سامراج نواز بورجوا اخبارن ۽ رسالن جهڙوڪ ڊيلي ايڪسپريس، هيرالڊ (آمريڪا) ٽريبيون وغيره کي هڪ آمريکي پريس ايجنسي ذريعي ٽراٽسڪيءَ جا مضمون ڏڙا ڏڙ ڏنا پيا وڃن جيڪي ان ايجنسيءَ ”هزارين آمريکي

ڊالرن“ عيوض ’خريد ڪيا‘ آهن. ٽراٽسڪيءَ جي قبلي مٽڻ کان پوءِ اولهه جي سچي سامراجي ميڊيا جي خوشيءَ جو ڪو ڪاٿو ئي ناهي، جنهن جي وهم ۽ گمان ۾ به نه هيو ته 1928ع جي انت ڌاران سندن ڪميونسٽ مخالف جنگ ۾ ڪين ٽراٽسڪي جهڙو ساٿاري ملندو. ها يقيناً! بورجوازين کي خوش ٿيڻ به گهرجي. ٽراٽسڪي جو نالو هاٽي ڪافي وقت تائين خبرن ۾ جذباتيت ۽ مرچ مسالن جي شوقين عوام کي ڦاسائي شڪار ڪرڻ لاءِ بورجوا پريس جي هٿن ۾ داٽي جيان ڪم ڪندو. اهو عوام جنهن کي بورجوازي چاٽي واٽي انڌيري ۾ رکيو اچن ۽ ان ڪري ئي اهڙن مضمونن لاءِ، جن ۾ ٽراٽسڪي سوويت ڪميونسٽ پارٽي، ان جي حڪومت يا ڪميونسٽ انٽرنيشنل تي تنقيد ڪري ٿو، ڪيس سوين نه پر هزارين ڊالر ڏيڻ به ڪو مهانگو سودو نه آهي. ويجهي ماضي ۾ اسان جي طبقاتي دشمن (بورجوا ڪلاس) ٽراٽسڪي ۽ ساٽس ٿيندڙ واقعن ۾ ڪافي دلچسپي ڏيکاري آهي. بورجوا ميڊيا توٽي دنيا جا سوشل ڊيموڪريٽ ٽراٽسڪيءَ جي ڪنهن به ڪميونسٽ بوڇاڙ کي اڻ ڇڏو نه ٿا ڇڏين. هو سوويت حڪومت، بلشويڪ پارٽي، ان جي ليڊرن توٽي ڪميونسٽ انٽرنيشنل تي ٽراٽسڪيءَ جي ڪيل هر تنقيد جي زور شور سان تشهير ڪن ٿا. ٽراٽسڪيءَ جي ڪميونزم جي لباس ۾ ڍڪيل رد انقلابي لکڻين ۾ لکل فائدن کي صحيح نموني سڃاڻيندي ۽ سمجهندي، بورجوا پريس سندس مضمونن ۽ ڪتابن جي ڇپائي ۽ مشهوري تي هزارين ڊالر خرچ ڪري رهي آهي ۽ ڪيس وڏن وڏن انعامن ۽ سنَدُن سان نوازي رهي آهي.“

ان ئي مضمون ۾ اڳتي هلي رسالو برطانيه ۾ هڪ منشويڪ پناهگير ۽ مشهور سوشل ڊيموڪريٽ ٿيوڊورڊين (Theodore Dan) جي ٽراٽسڪيءَ جي مضمونن تي ڏنل راءِ جو حوالو ڏئي ٿو. ڊين چوي ٿو ته ”ٽراٽسڪيءَ جي سياست منجهان اسان سوشل ڊيموڪريٽڪ موومنٽ سان واڳيل ماٿهن کي ڪوبه ڀؤ نه هجڻ گهرجي. سندس سياست اسان کي نه پر روس کان ٻاهر خود ڪميونسٽ تحريڪن کي ڊاهي پٽ ڪندي ۽ سوشل ڊيموڪريٽڪ تحريڪ کي ڪمزور ڪرڻ بجاءِ اجا ويتر ڪارڪنن کي همٿائيندي ته هو ڪميونزم واري انتهائي قدم تان هٽ ڪٽي سوشل ڊيموڪريٽڪ تحريڪ‘ ڏانهن موٽن.“

’انٽرنيشنل پريس ڪريسپانڊنس‘ جي ٽراٽسڪي جي انقلاب وروڌي ڪردار ۽ سياست تي لکيل اِن آرٽيڪل تي تنقيد ڪندي هڪ ٻي مِنشويڪ پناهگير ليڪڪا لکيو ته ”ڪميونسٽ انٽرنيشنل وارا سمجهن ٿا ته ٽراٽسڪي اجا تائين به ڪنهن قدر ڪميونسٽ وهمَ ۽ وسوسن جو شڪار آهي (خاص ڪري جنگ واري دور جي ڪميونزم) پر سندن چوڻ آهي ته انهن ڪميونسٽ اثرن کان وڌيڪ اهم منجهس پيدا ٿيل سوشل ڊيموڪريٽڪ لاڙا آهن. سندن ائين سوچڻ جائز به آهي ڇاڪاڻ ته ٽراٽسڪيءَ جا هاٿوڪا نعرا پنهنجي جوهر ۾ سوشل ڊيموڪريٽڪ فلسفي کي ئي اظهارين ٿا ۽ لڳي ٿو ته هاٽي ٽراٽسڪي ۽ سندس معتقد آخرڪار خيالن جي دنيا مان نڪري راهه راست تي اچن پيا.“

پوين 60 سالن جي تاريخ ثابت ڪيو آهي ته 1929ع ڌاري ڪجهه منشويڪ سوشل ڊيموڪريٽن طرفان ٽراٽسڪي ۽ ٽراسٽڪائيزم بابت ڪيل اهي اڳڪٿيون صحيح ثابت ٿيون آهن ۽ ان دنيا ۾ هر هنڌ

ڪميونسٽ مخالف رد انقلابي ڪردار ادا ڪندي سوشل ڊيموڪريٽڪ لاڙن کي ئي همٿايو. ان ئي دور کان وٺي ’ٽراٽسڪائيزم‘ ”سوشل ڊيموڪريٽن جي هڪ ڪميونسٽ مخالف هٿياربند ڌڙي“ طور وڌڻ ويجهڻ لڳو. ’انٽرنيشنل پريس ڪريسپانڊنس‘ ٽراٽسڪيءَ جي رد انقلابي رجحانن جي چند چاڻ ڪندي وڌيڪ لکيو ته ”انقلاب دشمن پلي پٽ چاٽن ٿا ته هو چا پيا ڪن. هو چاٽن ٿا ته هو چو ۽ چالاءِ ٽراٽسڪيءَ جي مضمونن جي اشاعت ۽ تشهير ايتري زور ۽ شور سان ڪن ٿا. ”پرٻُڌڙئي“ ماڻهن لاءِ ٽراٽسڪي جي اها دعويٰ واقعي اثرانداز ٿئي ٿي جڏهن پاڻ چئي ٿو ته هُن اِهي مضمون لکڻ کان پهريان اظهار جي مڪمل آزادي جي گُهر ڪئي هئي. (تنهنڪري سندس اهي لکڻيون صرف حق ۽ سچ تي مبني سندس داستان هجڻ گهرجن جن ۾ بورجوا پريس جو ڪوبه مفاد، غرض يا عمل داخل نه هجي- مترجم) پر اِهو سوال ته هر ڪو ڪري سگهي ٿو ته آخر ڪيئن ۽ ڪڏهن کان بورجوا پريس ”ڪاٻي ڌُر جي اهڙن سچن مفڪرن“ جي خيالن جي ترجماني ڪرڻ لڳي؟ ۽ پوءِ اگر ان ”سچ“ کي عوام تائين پهچائڻ ۾ بورجوازين جا هزارين ڊالر خرچ ٿين ٿا ته پوءِ اهو سمجهڻ ڪو ايترو ڏکيو نه آهي ته ان ”سچ“ مان بورجوازين کي بحرحال فائدو ئي ٿيندو هوندو. پوءِ ٽراٽسڪي پلي ڪيتري به وڏي دعويٰ چو نه ڪندو هجي ته سندس مقصد پروپيگنڊا بجاءِ عوام تائين ”سچ“ پهچائڻ آهي پر هَر سوچيندڙ ذهن اهو آساني سان سمجهي سگهي ٿو ته هڪ ”انقلابي“ هجڻ جي دعويٰ ڪندڙ ٽراٽسڪي پلي رد انقلابي پروپيگنڊا نه به ڪندو هُجي پر سندس (بورجوا مخالف) حقيقي انقلابي پروپيگنڊا تان هٿ ئي کڻي وڃڻ پويان کهڙين ڌرين جا مفاد سِڌ ٿين ٿا؟

ته پوءِ چا اِهو عجيب ناهي ته اِهو ئي برطانوي بورجوازي جنهن سوويت يونين سان ٿاهه ٽوڙڻ جو جواز ئي اِهو ڏنو هيو ته اُها سندس خلاف پروپئگنڊا پئي ڪري، اهو ئي ساڳيو برطانوي بورجوازي هاڻي اُن ئي ”پروپيگنڊا“ لاءِ ٽراٽسڪي کي هزارين ڊالر ڏئي رهيو آهي؟ ۽ پوءِ چا اِهو بلڪل واضح ناهي ته اها (انقلابي) پروپئگنڊا جنهن کي سبب بڻائي سڄي يورپ ۽ آمريڪا ۾ ڪميونسٽ ڪارڪنن کي پڪڙيو ۽ ماريو وڃي ٿو. اها ٽراٽسڪي پاران ٿيندڙ هن ”پروپيگنڊا“ کان بلڪل مختلف آهي؟ (ڪميونسٽن طرفان ٿيندڙ سامراج مخالف پروپئگنڊا بحرحال سرمائيدارن لاءِ هڪ خطرو آهي جنهن کري ان کي ختم ڪرڻ لاءِ هر ممڪن قدم کنيو وڃي ٿو. ٻئي پاسي ٽراٽسڪي جي ’ڪميونزم‘ جي نالي ۾ ٿيندڙ ’رد انقلابي پروپئگنڊا‘ پنهنجي اصليت ۾ سامراجيت کي ئي فائدو ڏيندي. ان ڪري ئي يورپ جي بورجوا پريس اُن جي اشاعت ۽ مشهوري تي لکين ڊالر خرچ ڪري ٿي- مترجم) ڊيلي ايڪسپريس سندس آرٽيڪل جو تعارف ئي اِن سِٽ سان ڏنو ته ”ٽراٽسڪي روس اندر ٿيندڙ انهن خفيه سياسي ڪارروائن تان پردو کڻي ٿو جِن ڪيس ’انقلاب جي مهندارن‘ جي قطار مان ڪڍي هڪ غريب ۽ مسڪين، لاچار، بي يارو مددگار، جلاوطن سياستدان بڻائي ڇڏيو“ ويچارو غريب ٽراٽسڪي! اهو ڪيئن مُمڪن آهي ته ڪنهن ماڻهو کي ڪنهن اهڙي ماڻهو تي رحم نه اچي جيڪو ايترو ته غريب ۽ لاچار ٿي ويو هجي جو ڪيس چند ڊالرن عيوض پنهنجو ضمير ڪپائڻ ۾ به ڪا هچڪ نه ٿيندي هجي؟ ان ۾ ڪي به ٻه رايا ناهن. هر اهو ماڻهو جيڪو ائين پنهنجو قبلو مٽائي ڪنهن ”نئين آقا“ جي نوڪري ڏيندو، ان کي بحرحال اهڙن سوالن ۽ اعتراضن جا جواب ضرور ڏيڻا پوندا. ٽراٽسڪي پاڻ به

اڳ ۾ اهڙن ڪيترن ئي ”سياسي لوٽن“ جي ڪردار ۽ عمل تي سوال اٿاريندو رهيو آهي.“

پنهنجي 5 اپريل 1929ع واري شماري ۾ ”انٽرنيشنل پريس ڪريسپانڊنس“ رپورٽ ڪيو ته ٽراٽسڪي جا مضمون تمام تيزيءَ سان مختلف سرمائيداري رياستن جي بورجوا اخبارن پاران ڪنيا پيا وڃن ۽ صرف ڪجهه ئي هفتن ۾ يورپ، آمريڪا ۽ برطانيه جي ڪيئي اخبارن ۾ ٽراٽسڪي جا مضمون ۽ خبرون ڌڙا ڌڙ ڇپجڻ لڳيون آهن.

ٽراٽسڪي جي سوويت مخالف انقلاب دشمن پروپيگنڊا (جنهن ۾ ڪيس مڪروهه سرمائيدار ادارن ۽ بورجوا صحافت جي آن داتائن جي حمايت حاصل هئي) تي لکندي، ان سچي داستان تي لکيل هڪ شاندار ڪتاب ”A Great Conspiracy“ مان حوالو ڪڍجي ته نهايت ئي مددگار ثابت ٿيندو. ڪتاب لکي ٿو ته: ”1903ع تائين ٽراٽسڪي پروپيگنڊا جا سڀ گُر سِکي چُڪو هيو ۽ لينن سندس اهڙن پڙڪيلن بيانن کي صرف ”الٽرا- ريووليوشنري نعريبازي“ چوندو هيو جن جي ڪرڻ سان ٽراٽسڪي جي صحت تي ڪوبه اثر نه ٿي پيو (ڇاڪاڻ ته اُهي صرف ڳالهيون ئي هيون) هاڻ اُهو ساڳيو ئي ٽراٽسڪي پروپيگنڊا جي انهن سيني گُرن جو استعمال عالمگير سطح تي سوويت يونين کي بدنام ڪرڻ لاءِ ڪري رهيو هيو. جيڪي هُو پوئين دور ۾ لينن ۽ بالشويڪ پارٽي خلاف پروپيگنڊا لاءِ استعمال ڪندو هيو. پنهنجن بي شمار پڙڪيلن، الٽرا- ليفٽسٽ ۽ جذباتي تقريرن، پمفليٽن، مضمونن ۽ ڪتابن ۾ ٽراٽسڪي سوويت يونين کي رد انقلابي/ انقلاب وروڌي سڏيندي ان جي طاقت کي ختم ڪرڻ جي ڳالهه ڪرڻ ٿو لڳي. ۽ پوءِ دنيا ڏٺو ته ٽراٽسڪيءَ جي اهڙي نظرياتي لائين جي ڪري رات پيٺ ۾ ڪيترائي پراڻا زار دوست انقلاب دشمن ۽ بلشويڪ مخالف ”جنگجو“ جيڪي اڳ ۾ ساڄي ڌر طرفان سوويت يونين ۽ انقلاب جي سڌي مخالفت ڪندا هئا، هاڻ ڪميونسٽ حڪومت جي سڌي مخالفت ڇڏي، ٽراٽسڪي پاران جوڙيل ”الٽرا- ڪميونسٽ“ سوويت مخالف محاذ ۾ شامل ٿي ”کابي ڌر جي لبادي ۾“ رهندي ئي ڪميونزم جا ٽَرا ڪڍندا رهيا. ٽراٽسڪيءَ جي اهڙي روش ’لارڊ رادرمور‘ ۽ ’وليم ريندولف‘ جهڙن بورجوا پاڙيتن لاءِ به اهو ممڪن بڻائي ڇڏيو ته اهي اسٽالن تي انقلاب سان غداري جون تهمون مڙهيندا وتن.

”ٽراٽسڪيءَ پاران بين الاقوامي رد انقلابين ۽ انقلاب وروڌين جي ونگار ۾ سوويت مخالف پروپيگنڊا جو پهريون وڏو ڇال، سندس رومانوي ۽ ڪنهن حد تائين ’افسانوي‘ آتم ڪٿا ”منهنجي زندگي“ جي اشاعت هئي. اهو ڪتاب اصل ۾ آمريڪا ۽ برطانيه جي بورجوا اخبارن ۾ ڇپيل ٽراٽسڪي جي سوويت مخالف مضمونن جو مجموعو آهي. جنهن کي ڪتابي صورت ۾ ڇپرائڻ پنيان اصل ۾ اسٽالن ۽ سوويت يونين جي بدنامي، ٽراٽسڪائيت تحريڪ کي وڌيڪ سگهارو بنائڻ ۽ ٽراٽسڪيءَ کي دنيا جو ’عظيم انقلابي‘ ثابت ڪرڻ جهڙا مڪروهه مفاد شامل هئا.

”ٽراٽسڪي پنهنجي آتم ڪٿا ۾ دراصل اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته انقلاب جو اصل روح روان هو پاڻ هيو پر پوءِ بعد ۾ ڪجهه منافق ۽ شاطر مخالفن سازشون ڪري کيس ديوار سان لڳائي ڇڏيو. سوويت مخالفن، دلالن ۽ افسانوي ادب جي شوقينن ٽراٽسڪي جي ان آتم ڪٿا کي ٿورڙي ئي وقت ۾ سڄي دنيا جو ”بيسٽ- سيلر“ ڪتاب بڻائي ڇڏيو ۽

اِن ڪتاب کي ”روسي انقلاب جي اصل حقيقت“ جهڙا خطاب ملڻ لڳا. ايستائين جو هٽلر پڻ ٽراٽسڪي جي آتم ڪٿا ڇپجڻ شرط ئي گهرائي پڙهي ورتي. هٽلر جي بايوگرافي لکندڙ ”ڪونرادِ هيدن“ پنهنجي ڪتاب ”هٽلر! هڪ عظيم ليڊر“ ۾ لکي ٿو ته ڪيئن 1930ع ڌاران جرمني جي ڪنهن فوجي تقريب ۾ هٽلر پنهنجي ٻڌندڙن کي ان وقت حيران ڪري ڇڏيو جڏهن هُن ٽراٽسڪي جي آتم ڪٿا کي هوا ۾ لوڏيندي چيو ”مون هن ڪتاب مان تمام گهڻو سکيو آهي ۽ اگر توهان چاهيو ته توهان به سکي سگهو ٿا.“

”ٽراٽسڪي جي ’آتم ڪٿا‘ جلد ئي سوويت مخالف سامراجي ملڪن جي گهڻن ادارن ۾ هڪ ٽيڪسٽ بُڪ طور پڙهجڻ لڳي. ڪيس سوويت مخالف پروپيگنڊا لاءِ هڪ معياري ريفرنس بُڪ (Reference Book) ڪري ڪتيو ويو. جاپان جي خفيه پوليس جلين ۾ قيد چيني ۽ جاپاني ڪميونسٽن لاءِ ان ڪتاب کي ”ڪمپلسري ڪورس“ طور متعارف ڪرايو ته جيئن سندن نظرياتي بيهڪ کي مُڏو ڪري کين اهو يقين ڏيارجي ته ڪميونزم جي علمبردار سوويت روس پڻ انقلاب سان غداري ڪئي آهي جنهن انقلاب لاءِ هو وڙهيا ۽ اڄ تائين جيلن ۾ آهن. ائين ئي اهو ساڳيو ڪتاب ٻي جنگ عظيم واري دور ۾ گسٽاپو ۾ به ساڳي ئي ڪم لاءِ استعمال ٿيندو رهيو.

”ٽراٽسڪي جي آتم ڪٿا سندس سوويت مخالف پروپيگنڊا جي محض ابتدا هئي ان بعد ٽراٽسڪيءَ ’Revolution Betrayed‘، ’Soviet Economy in Danger‘، ’The Failure of a five year plan‘، ’Stalin and the Chinese Revolution‘ ۽ ’The Stalin school of falsification‘ جهڙا ڪتاب ۽ بي شمار پمفليٽ ۽ آرٽيڪل لکيا جيڪي سڀ اڪثر ڪري پهريان يورپي ۽ آمريڪي بنياد پرست اخبارن ۾ مضمونن جي صورت ۾ ڇپيا ۽ بعد ۾ ڪتابي صورت ۾ شايع ڪيا ويا. ٽراٽسڪي ”ضمير هٿان مجبور هڪ ايماندار جاسوس“ جيان وڏي عرصي تائين سڄي دنيا کي سوويت يونين بابت ”چرڪائيندڙ انڪشاف“ ۽ ”اندر جا راز“ ٻڌائيندو رهيو.

”سوويت يونين اندر، پنهنجي هم خيالن جي ضرورتن جي پورائي لاءِ ٽراٽسڪي ”مخالف ڌر جي آفيشل نيوز بليٽن“ جي شروعات ڪئي. ان نيوز بليٽن جي اشاعت پهريان ترڪي ۾ ٿي ۽ پوءِ جرمني، فرانس، ناروي ۽ ٻين ملڪن ۾ ڇپجڻ لڳي. ان ”بليٽن“ کي سوويت يونين ۾ موجود ٽراٽسڪي جي حمايتن تائين ڳجهي نموني پهچايو ويندو هيو. واضح رهي ته اهڙا نيوز ليٽر عوام تائين نه پهچندا هئا، ڇاڪاڻ ته اهي عوام لاءِ لکيا ئي نه هئا. سندن مقصد انهن آفيسرن، فوجين ۽ اديبن کي ريهي ريبي پنهنجي پاسي ڪرڻ هوندو هيو جيڪي ٽراٽسڪي جي روس ۾ موجودگي دوران ڪيس ويجهو هوندا هئا ۽ ڪنهن حد تائين سندس اثر هيٺ هئا. اُن ئي بليٽن ۾ ڪجهه خاص هدايتون به جاري ڪيون وينديون هيون ته ڪيئن ۽ ڪيستائين سوويت يونين اندر ۽ ان کان ٻاهر ان نيوز بليٽن جي تشهير ڪرڻي آهي. اها بليٽن ماڻهن کي مسلسل سوويت يونين جي ٻوائتي مستقبل کان ڊيڄاريندي رهي، صنعتي بحران، خانه جنگي ٽوٽي پهرئين ئي حملي ۾ ريڊ آرمي (Red Army) جي ٽُٽي تباهه ٿيڻ جون اڳڪٿيون ڪندي رهي. بليٽن سوويت يونين جي ٽهڻ ۽ پنهنجن پيرن تي بيهڻ واري عرصي دوران پيش ايندڙ مشڪلن ۽ پريشانين جي ڪري ڪجهه منجهيل ۽ غير مطمئن ذهنن ۾ پئدا ٿيل وهمن ۽ وسوسن کي خوب پڙڪايو. بليٽن

اهڙن غير مطمئن ماڻهن کي بلڪل کُلئي انداز ۾ سوويت روس اندر بالشويڪ حڪومت خلاف پرتشدد ڪاررواين لاءِ پئي اُڪسايو. اهڙا ڪجهه مثال هتي ڏجن ٿا:

”هاڻوڪي ليڊرن جو لشڪر، جيڪو اسٽالن جو پڇ لٽڪائو آهي، ملڪ کي تمام تيزي سان تباهي طرف ڌڪي وڃي رهيو آهي.“ (سوويت يونين ۾ ڪميونسٽ پارٽي جي ميمبرن ڏانهن ٽراٽسڪي جون هڪ خط- 1930)

”سوويت يونين جي تيزيءَ سان تباهه ٿيندڙ معيشت تمام جلد واريءَ جي جي اِن ڪوٽ کي ڊاهي پَٽ ڪندي. اها ڏند ڪٿا ته سوشلزم هڪ ملڪ ۾ قائم ڪري سگهجي ٿو جلد ئي پنهنجو اثر وڃائي ويهندي. پر ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته جيستائين ائين ٿئي، تيستائين الائي ڪيتريون جانيون ضايع ٿي وينديون. سوويت معيشت مادي وسيلن توڙي بهتر پلاننگ کانسواءِ ئي اوندهه ۾ هلي رهي آهي. چڙواڳ نوڪر شاهي غلطيون ڪرڻ کي ئي پنهنجو خاصو بڻائي ڇڏيو آهي. صورتحال تمام تيزي سان هڪ بُحران جي صورت اختيار ڪري پئي جنهن ۾ ڪئي صنعتون بند ٿينديون ۽ الائي ڪيترا ماڻهو بيروزگار ٿيندا“ (سوويت معيشت کي درپيش خطرا: 1932)

”بکن ۾ پاهه ٿيندڙ ڪارڪن پارٽيءَ جي فيصلن سان سهمت ناهن. پارٽي پنهنجي ليڊر شپ سان سهمت ناهي، ملڪ جا هاري سندن علائقن ۾ ٺهندڙ ڪارخانن جي ڪري پريشان آهن ۽ شهرن توڙي صنعت مان مطمئن ناهن! (4 فيبروري 1933ع تي آمريڪا جي هڪ اخبار ۾ ڇپيل سندس مضمون)

”صرف هڪڙو ئي بيروني يا اندروني جهٽڪو سوويت سماج کي خانه جنگي طرف وٺي وڃي سگهي ٿو“ (سوويت يونين ۽ چوٿين انٽرنيشنل: 1933)

”ائين سوچڻ بلڪل ٻاراڻو هوندو ته ڪو اسٽالن ۽ سندس عملدار شاهي کي پارٽي يا سوويت ڪانگريس ذريعي هٽائي سگهجي ٿو. آئين ۾ هاڻي حڪمرانن کي هٽائڻ جي گنجائش ئي موجود ناهي رهي. کين صرف ۽ صرف طاقت ذريعي ئي مجبور ڪري سگهجي ٿو ته هو اختيار پرولتاري رهنمائن حوالي ڪن“ (مخالف ڌر جي بليٽن: 1933ع)

”سياسي بحران عام سماجي بحرانن جي صورت اختيار ڪندا آهن ۽ اهو ئي اڄ سوويت يونين ۾ ٿئي پيو“ (ڪيروف جو قتل: 1935)

”پارٽي اندر اسٽالن تمام تنقيدن، ايستائين جو رياست کان به مٿانهون بڻجي ويو آهي. سندس قتل کان سواءِ ڪيس هٽائڻ جي ٻي ڪا راهه ڪانهي. هتي سندس مخالفت ڪرڻ جي معنيٰ غداري ۽ دهشتگردي بڻجي وئي آهي.“ (نيويارڪ ايوننگ جرنل کي ڏنل هڪ انٽرويو)

”ڇا اِها اميد ڪري سگهجي ٿي ته ايندڙ جنگ ۾ سوويت يونين چڙهي پار پوندي؟ منهنجو خيال آهي ته اگر جنگ صرف جنگ ئي رهي تڏهن به سوويت يونين جي ناڪامي اٽڙآهي معاشي، عسڪري توڙي تڪنيڪي لحاظ کان سامراجيت جي طاقت جو ڪو ثاني ڪونهي. سامراجيت جي ان ڏيو کي سڀ اولهه ۾ سوشلسٽ انقلاب آڻي ئي روڪي سگهجي ٿو. اگر ائين نه ٿيو ته سامراجيت جو اِهو ديو موجوده سوويت سوشلسٽ حڪومت کي ڳڙڪائي ويندو.“ (هڪ آمريڪي اخبار ۾ ڇپيل سندس هڪ آرٽيڪل 1937)

”اگر نئين جنگ مان ڪو نئون

انقلاب ڄَنم نه ٿو وٺي ته پوءِ سوويت يونين جي تباهي اٽتر آهي" (ميڪسيڪو جي عدالت ۾ ڏنل هڪ بيان: 1937)
('The Great conspiracy'. By Kahan and sayers P.P.224 to 227. Red Star press)

ٽراٽسڪيءَ جا ڪجهه پوئلڳ سندس اولهه جي بورجوا (سرمائيدار) ميڊيا سان اهڙن گهرن واسطن کي اهو چئي درست قرار ڏين ٿا ته اولهه جي بورجوا اخبارن جهڙوڪ نيويارڪ ٽربيون ۾ ته خود مارڪس به لکندو هيو. پر حقيقت جو ٿورو جائزو وٺبو ته ان جواز ۾ تنقيد جا پير ئي کونه لڀندا. 1929ع ڌاري توڻي اڄ پڻ ڊيلي ايڪسپريس جو ڪردار هڪ انقلاب دشمن سامراجي اخبار جو آهي. جڏهن ته ان وقت جڏهن مارڪس ڊيلي ٽريبيون ۾ لکندو هو تڏهن اها اخبار آمريڪي سرمائيداريت جي سامراجيت ۾ تبديل ٿيڻ واري دور جي سڀ کان وڏيڪ ترقي پسند جمهوري حلقن جي ترجماني ڪندي هئي. هي اُهو دور هيو جڏهن بورجوا جمهوريت پنهنجي ڪردار ۾ اڃا ترقي پسند هئي ۽ سندن مول متن ۾ "غلامي جي خاتمي" جهڙا ترقي پسند مقصد شامل هئا. ان اخبار جا باني ڪجهه "خيالي سوشلسٽ" صحافي هئا ۽ ان اخبار سڄي آمريڪا توڻي يورپ ۾ غلامي جي خاتمي ۽ جمهوري تحريڪن جي حمايت ۾ تمام اهم ڪردار ادا ڪيو. ٻئي پاسي مارڪس کي انڊيا ۽ يورپ جي انقلابي ۽ جمهوري تحريڪن تي لکيل سندس بهترين سائنسي لکڻين جي عيوض چند ڊالر مس ڏنا ويندا هئا. جڏهن ته ٽراٽسڪيءَ کي سامراجي ملڪن جي گهيري ۾ جيئندڙ ۽ سندن سخت ترين مخالفت باوجود سوشلزم جي ڏاڪي به ڏاڪي جوڙجڪ ڪندڙ سوويت روس تي انقلاب دشمن نظرياتي حملا ڪري ڪيس ڪمزور ڪرڻ لاءِ هزارين ڊالر ڏنا ويندا هئا. مارڪس پنهنجين لکڻين ۾ انقلاب دشمني جي سڀني روپن تي تنقيدي هوندو هيو. جڏهن ته ٽراٽسڪيءَ جو وير، صرف ۽ صرف سوويت روس ۾ موجود سوشلسٽ حڪومت سان هوندو هو ۽ هو پنهنجي هر لکٽي ۾ بالشويڪ حڪومت ۽ ان جي بهادري ۾ سوشلزم تي تنقيد ڪندو رهندو هيو ۽ سڀني کان وڏيڪ ڊيلي ايڪسپريس جي مالڪ لارڊ بيور بروڪ (Lord Beaverbrook) ٽراٽسڪي کي هزارين ڊالر ان ڪري نه ٿي ڏنا ته هو برطانوي سامراجيت تي تنقيد ڪري، پر ڪيس "اظهار جي آزادي" صرف ۽ صرف سوويت يونين، ڪميونسٽ انٽرنيشنل ۽ بين الاقوامي ڪميونسٽ تحريڪن تي نظرياتي حملا ڪرڻ لاءِ ڏني وئي هئي. اهو ئي "ضمير جو آواز" هيو جيڪو ٽراٽسڪي آمريڪي، برطانوي ۽ يورپي بورجوا اخبارن ۽ رسالن ۾ هزارين ڊالرن عيوض اظهاريندو رهندو هيو.

مٿئين حقيقت کي ڇاٽڻ بعد اهو سمجهڻ نهايت ئي آسان آهي ته ٽراٽسڪي پاران ڊيلي ايڪسپريس ۽ ٻين سامراجي اخبارن ۾ لکيل مضمونن کي ڪنهن به صورت ۾ مارڪس جي ٽريبيون (Tribune) ۾ لکيل مضمونن سان ڀيٽي نه ٿو سگهجي. ها پر زوري زبردستي ٻنهين جي ڀيٽ ڪرڻي ئي آهي ته پوءِ مارڪس کي به "افسانوي" طور ئي صحيح پر ٽراٽسڪي جهڙي صورتحال ۾ رکي ڪري ڏسڻو پوندو. مثال طور جيڪڏهن ائين هجي ها ته بسمارڪ (Bismarik) پاران سوشلسٽ مخالف قانون سازين جي نتيجي ۾ مارڪس پاڻ ڊير پئسن جا وٺي جرمني جي انقلاب وروڌي اخبارن ۾ سوشلسٽ تحريڪ ۽ سندس ليڊرن خلاف وڏا وڏا ۽ جذباتي مضمون

لکي ها ته پوءِ واقعي مارڪس ۽ ٽراٽسڪيءَ کي هڪ ئي قطار ۾ بيهاري سگهجي ها.

سوويت يونين مان نيڪالي بعد ٽراٽسڪي ڊيلي ايڪسپريس ۽ اهڙين ٻين يورپي اخبارن ۾ ڏڙا ڏڙ مضمون لکندو رهيو. 1930ع جي سچي ڏهاڪي ۾ ٽراٽسڪي سامراجين وٽ ڪميونسٽ مخالف پڙڪيلي بيان بازي لاءِ بهترين چوند هيو. پنهنجي آتم ڪٿا کان ويندي اسٽالن جي جيون ڪٿا تائين لکيل سندس سڀ ڪتاب اڳي پوءِ سامراجي پريس مان ڇپجڻ لاءِ ئي لکيا ويا هئا.

اسٽالن سان ذاتي دشمني پاڙڻ جي ڪوشش ۾ ڪيل سوويت مخالف پروپئگنڊا ۾ ٽراٽسڪي اولهه جي ڪميونسٽ مخالف پريس جي "گهٽ ۾ گهٽ ممڪن غير جانبداري رويي" وارو معيار به پورو ڪري نه سگهيو. پنهنجي "جلاوطني ۾ لکيل ڊائري" ۾ هو اسٽالن جي باري ۾ ڪجهه هيئن لکي ٿو. "اسٽالن جي آمراڻين پاليسين ۾ ذاتي دشمنيون پاڙڻ وارو عنصر تمام گهڻو حاوي هوندو هيو. سندس مون سان ليکو برابر ڪرڻ جي خواهش ڪڏهن به پوري ٿي نه سگهي ۽ اها ئي ڳالهه ڪيس سُک سان ويهڻ نه ٿي ڏئي. هو جاهل منهنجن خيالن کان ڊڄي ٿو. ڇاڪاڻ ته ڪيس انهن خيالن جي طاقت ۽ ان جي مقابلي ۾ پنهنجين ڪمزورين جو ادراڪ آهي."

('Dairy in Exile'. P# 66)

هر اهو ماڻهو جنهن اسٽالن ۽ ٽراٽسڪي جي ڪتابن جو غير جانبدار تقابلي مطالعو ڪيو هوندو، نهايت ئي آساني سان اهو سمجهي ويندو ته جيتوڻيڪ اسٽالن پنهنجي ڪتاب ۾ ٽراٽسڪي جي مخالفت ضرور ڪئي آهي پر اها مخالفت پنهنجي جوهر ۾ ٽراٽسڪي جي پيٽي بورجوا دانشوريت تي پرولتاري رُخ کان ڪيل تنقيد آهي ۽ منجهنس ذاتي دشمنيون پاڙڻ واري جذبي جي هڪ رتي به شامل ڪانهي. ٻئي پاسي اهو خود ٽراٽسڪي ئي هيو جنهن پنهنجن ڪتابن ۽ مضمونن ذريعي ڏينهن رات اسٽالن سان ذاتي دشمني پاڙڻ جي ڪوشش پئي ڪئي. ٽراٽسڪيءَ جي ان درو (39- 1929ع) وارين لکڻين ۾ اسٽالن ۽ سوويت روس تي ڪيل تنقيد، سندس 1903ع کان 1907ع تائين لينن تي ڪيل تنقيد جيان ئي ڊرائتي ۽ ذاتي نوع جي آهي.

بدلي جي باهه ۾ سڙندي ٽراٽسڪي لکي ٿو ته "روسي عملدار شاهي جي پارٽي تي اندروني طاقت ۽ زور کي ختم ڪرڻ کان پوءِ، ان ئي عملدار شاهي منجهان اهو "اسٽالني ٽولو" آهي جيڪو پارٽي توڙي بيورو ڪريسي کان به مٿانهون ٿي ويو آهي.

('Kiror's Assassination' P# 12, 25)

ان تنقيد منجهان سندس مراد اها هئي ته سوويت يونين عملدار شاهي (Bureaucracy) ماڻهن کي ۽ موٽ ۾ اسٽالن خود ان عملدار شاهيءَ کي ئي مفلوج بڻائي ڇڏيو آهي. ٻين لفظن ۾ سوويت يونين جو عوام عملدار شاهيت هيٺان پسجي رهيو آهي ۽ ٻئي پاسي ان ئي عملدار شاهي مٿان اسٽالن خود هڪ ڊڪٽيٽر بڻجي پنهنجي شهنشاهيت قائم رکيو ويٺو آهي. ان ڪري اسٽالن پاڻ عوام لاءِ اُن عملدار شاهيءَ کان وڌيڪ اوپرو آهي پر سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته جي اسٽالن واقعي پارٽيءَ ۽ عوام لاءِ ايترو ئي اوپرو هيو ته پوءِ اهو آخر ڪيئن ممڪن ٿي سگهيو ته هو سوويت يونين اندر اها "شهنشاهيت" جوڙڻ ۾

ڪامياب ٿي ويو؟ ٽراٽسڪيءَ جو خيال آهي ته اسٽالن شخصي طاقت ۽ زور جي خواهش ۾ ان حد تائين اڳتي آيو هيو نڪي ڪيس مارڪسزم – ليننزم جي فلسفي سان ڪو لڳاءُ هيو.

ٽراٽسڪي لکي ٿو ته "اسٽالن هر صورتحال ڪي نهايت ئي گهرائي سان جاچيندو هو. پر ان منجهان سندس مقصد صرف پنهنجو ئي فائدو ڪڍڻ هوندو هيو. سندس دماغ تي ماٺهن مٿان غلبي آڻڻ جي شديد خواهش سوار هوندي هئي. هڪ چسي ۽ خود غرض ليڊر طور اقتدار جي حوس ۾ وڙهندي ڪيس ڪن پل لاءِ به ان عمل جي سماج تي پوندڙ اثرن جي پرواهه نه ٿيندي هئي"

("Stalin" by: L.Trotsky P# 386)

تنهنڪري، جي اسٽالن جي سوويت روس ۾ اعليٰ اقتدار تائين پهچڻ جي حقيقت بابت ڏنل ٽراٽسڪي جي ان ڏکويل وضاحت کي مڃي به وڃجي، تنهن هوندي به ذهن ۾ اهو سوال اُڀري ٿو ته "حادثاتي طور سوويت روس جو سربراهه بڻجي ويل هڪ تنگ نظر ۽ مفاد پرست بيورو ڪريٽ اسٽالن"، جنهن لاءِ شخصي طاقت ئي سڀ ڪجهه هئي، اهو آخر ڪيئن 1930ع جي مشڪل؟ لينن خود ان ڳالهه کي واضح ڪندي چئي ٿو ته صرف "آپيشاهيت" جو لفظ پاڻ پنهنجي مڪمل تشريح نه ٿو ڪري، چاڪاڻ ته اهو ان آپيشاهيت جي طبقاتي نوعيت/ حقيقت کي واضح نه ٿو ڪري (يعني آپيشاهيت هڪ (Relative Term) "نسبتي اصطلاح" آهي. ان کي ڪڏهن به، ڪٿي به ۽ ڪنهن به صورت ۾ تجريدي انداز ۾ نه ٿو سمجهي سگهجي- مترجم) هڪ دور ۾ ٽراٽسڪي خود ان بنيادي حقيقت کان واقف هيو. هُن اهڙو

اظهار پنهنجي مضمون "برطانيه ڪيڏانهن وڃي رهيو آهي؟" (1925) ۾ ڪجهه اهڙن لفظن ۾ ڪيو آهي.

"مانچسٽر، گارڊين ۽ اهڙين ٻين لبرل (بورجوا) اخبارن ۾ وڏا ۽ شهنشاهي ڪالم لکندڙ نالي چڙهيل "مهان دانشورن" جي نقش قدم تي هلندي ليبر پارٽي (برطانيه) جا اڳواڻ نهايت ئي سادي ۽ تجريدي انداز ۾ جمهوريت ۽ آپيشاهيت ۾ ڀيٽ ڪن ٿا. انهن وٽ لينن ۽ مسوليني ۾ ڪوئي فرق ناهي. لبرل چڙواڳ دانشور هر هنڌ چوندا وتن ٿا ته هو هر قسم جي آپيشاهيت جي خلاف آهن پوءِ ڀلي اُها ڪابي ڌر جي يا ساڄي ڌر جي، ترقي پسند هجي يا قدامت پسند. پر ٻئي پاسي پنهنجي عمل ۾ اهي ئي لبرل دانشور ساڄي ڌر جي آپيشاهيت جي حمايت جو هڪ موقعو به هٿان نه ٿا وڃائين. اسان وٽ ان سوال جو جواب صرف اِهو آهي ته هڪ آپيشاهيت سماج کي ترقي وٺرائي ٿي ۽ ان کي سڌاري سنواري ٿي، جڏهن ته ٻي سماج کي پٺتي ڌڪي، سندس ترقي روڪي ان کي جامِد ۽ بدبودار بڻائي ٿي. مسوليني جي آپيشاهيت ڪرپٽ ناڪاره ۽ ڳريل سڙيل بورجوازي ڊڪٽيٽر شپ آهي، جڏهن ته بالشويڪ پارٽي (لينن جي آپيشاهيت تاريخ جي ڪُک مان جنم وٺندڙ هڪ نئين طبقي ۽ پراڻي سماج جي حمايتي مڙني طاقتن سان سندس جنگ جو اظهار آهي. اگر لينن جي ڪنهن سان ڀيٽ ڪرڻي ئي آهي ته اهو مسوليني ته نهيو پر نپولين جهڙو ڪردار به نه ٿو ٿي سگهي، بلڪه سندس ڀيٽ ڪراموبل (Cromwell) ۽ رابسپيئر (Robbispiere) سان ڪري سگهجي ٿي. ان ڳالهه چوڻ ۾ ڪو وڌاءُ نه ٿيندو ته لينن ويهين صديءَ جو "پرولتاريءَ ڪراموبل" آهي." (P# 91-92)

ٽراٽسڪي وڌيڪ لکي ٿو ته ”هڪ جاهلءِ بيوقوف ماٺهوءَ کي ئي ڪرامويل ۾ هڪ ”شخصي ڊڪٽيٽر“ نظر اچي سگهي ٿو. حقيقت ۾ برطانوي سماج جي ان دور جي پيچ ڊاهه ۾ اِها هڪ طبقي جي ڊڪٽيٽر شپ هئي جنهن ڪراموبل کي پراڻن سانچن ۽ پئمانن مان ڪڍي نين زاوين ۾ ڍالڻ جي شڪتي هئي.“ (P# 97)

تنهن ڪري اهو طئي ڪرڻ ڏکيو ناهي ته لينن ۽ اسٽالن جي ”آپيشاهيت“ جي ڳر ۾ ڪو فرق ناهي ۽ ٻنهي لاءِ هڪ ئي وضاحت موزون آهي. هاڻ اهو ساڳيو ئي ٽراٽسڪي جنهن 1925 ڌاري لينن جي آپيشاهيت جو نهايت، مناسب ۽ سائنسي تجزيو ڪيو ٿي، اسٽالن جي آپيشاهيت جو تجزيو ڪندي، انهن ساڳين ”بيوقوف ۽ جاهل تجزي ڪارن“ جيان ڪيس صرف ۽ صرف شخصي ڊڪٽيٽر سڏي ٿو ۽ سندس پويان ڪارفرما سماجي پيچ ڊاهه کي نه ٿو ڏسي سگهي (يا ڏسڻ نه ٿو چاهي)، نه ئي ان ۾ مزدور طبقي جي ”سماج کي پراڻن سانچن ۽ پئمانن مان ڪڍي نين زاوين ۾ ڍالڻ واري شڪتي نظر اچي ٿي.

بدلي جي باهه ۾ سڙندي ٽراٽسڪي اسٽالن کي ”غير تهذيب يافته وحشي“ ڪوٺي ٿو. هڪ اڻ سڌريل وحشي جي طاقت محظ تصوراتي هوندي آهي. ڇاڪاڻ ته هو فطرت ۾ ٿيندڙ لقائن کي پنهنجون معنائون ڏئي پنهنجو ردِعمل طئي ڪري ٿو. هو سمجهندو آهي ته هو نينگ ٽپا ڏئي، رڙيون ۽ مشڪريون ڪري فطرت جي طاقتن تي ضابطو آڻي سگهي ٿو. ڪيس لڳندو آهي ته پنهنجي منهن تي ڪارا پيلا ليڪا ڪڍي، جهولي ۾ ان کن ڪٽي رقص ڪرڻ سان مينهن وسندو آهي، ٻئي پاسي

